# سنڌي لوڪ ڪهاڻيون -۷

## ڳاهن سان ڳالهيون



ڪ ادب سلسلي جو ستاويهون ڪتاب

# لوڪ ڪهاڻيون - ٧

## ڳاهن سان ڳالهيون

مرتب
ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

سنڌي ادبي بورڊ
ڄامشورو، سنڌ

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.
پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

چاپو پهريون فيبروري ۱۹٦۴ع تعداد ۽ هزار
چاپو ٻيو اپريل ۱۹۹۵ع تعداد ۽ هزار

[سنڌي ادبي بورڊ جا سڀ حق واسطا قائم]

قيمت: پنجاهه رپيا
Price Rs. 50-00

**ملڻ جو هنڌ:**
سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال،
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد، سنڌ.

---

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄامشورو، سنڌ ۾، مئنيجر سيد سڪندر علي شاهه ڇپيو ۽ شمشيرالحيدري، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

# مهاڳ

سنڌ جي ’لوڪ ادب‘ کي سهيڙڻ لاءِ هڪ تفصيلي تجويز، سنه ١٩٥٥ع ۾، ’سنڌي ادبي بورڊ‘ جي سامهون رکي وئي، جا ١٩٥٦ع آخر ڌاري بورڊ بحال ڪئي، ۽ ان جي عملي نگراني ۽ تڪميل بندہ جي حوالي ڪئي.

ان تجويز مطابق، جنوري ١٩٥٧ع کان لوڪ ادب سهيڙڻ جو ڪم شروع ڪيو ويو؛ انهيءَ سلسلي ۾ تعلقيوار ڪارڪن مقرر ڪيا ويا ته ذيل هدايتن موجب، ٻهراڙيءَ مان مواد گڏ ڪري موڪلين. سنڌ يونيورسٽيءَ ۾، ’سنڌي لغت آفيس‘ سان گڏ لوڪ ادب جي مرڪزي آفيس قائم ڪئي وئي، ۽ ڪارڪن مقرر ڪيا ويا ته مقامي طور گڏ ڪيل، توڙي ٻاهران آيل مواد کي هدايتن موجب ورڇي ورهائي، پيٽي صاف ڪري، ڇپائڻ لائق بنائين.

پهريان ٻه سال، ١٩٥٧ع ۽ ١٩٥٨ع، لوڪ ادب جي مواد سهيڙڻ ۾ صرف ٿيا. انهيءَ عرصي ۾ تعلقيوار ڪارڪنن، ڳوٺن مان گهربل ڳالهيون هٿ ڪيون؛ مرڪزي آفيس جي عملي ڇاپيل ڪتابي ذخيري مان ضروري مواد آتاريو؛ ۽ بندہ ڪوشش ڪري سنڌ جي هر ڀاڱي جو گشت ڪري، سڄاڻ سگهڙن مان ڪچهريون ڪيون، ۽ عام سنڌي ادب جي هر پهلوءَ کي سمجهڻ ۽ ان جي خاص ذخيري کي قلمبند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. انهي سعيي ۽ همت، بلڪ جذبي ۽ محبت سان قدري ايترو مواد گڏ ٿيو، ۽ ٿي رهيو آهي، جو ان جي آڌار تي عام سنڌي ادب جي هر ڀاڱي بابت، نموني طور هڪ ڪتاب مرتب ڪري سگهجي ٿو. ڪتابن جي تاليف جو سلسلو ٽئين سال ١٩٥٩ع کان شروع ڪيو ويو آهي.

هت ٻه ڳالهيون واضح ڪرڻ ضروري آهن:

ٻهريون تہ هن تجويز موجب، سنڌي ٻوليءَ جي عام ادب جون اهي جملي جنسون، جيڪي هن وقت تائين ٻهراڙيءَ جي عوام ۾ مروج آهن، تن کي 'لوڪ ادب' جو ذخيرو تسليم ڪيو ويو آهي. انهيءَ ذخيري ۾ سنڌي ادب جون معياري جنسون پڻ شامل آهن، مثلاً: مداحون، مولود، تيهہ اکريون، ڪافيون وغيره؛ مگر جيئن تہ اهي هن وقت تائين ٻهراڙيءَ ۾ عام مقبول ۽ مشهور آهن، انهيءَ ڪري انهن کي پڻ 'لوڪ ادب' جي دائري ۾ شمار ڪيو ويو آهي. انهيءَ لحاظ سان، هن تجويز هيٺ گڏ ڪيل 'لوڪ ادب' کي بعينہ، 'فوڪ لور' (Folk Lore) جي مغربي مفهوم سان تعبير ڪرڻ صحيح نہ ٿيندو. اسان جي ملڪ ۾ شهري زندگي اڃان ايتري وسعت يا خاص نوعيت اختيار نہ ڪئي آهي، جو اها خواص جي زندگي ۽ تمدّن جو، يا 'معياري ادب' جو سرچشمو بنجي. سنڌي زندگيءَ جو مرڪزي دائرو اڃا تائين ڳوٺ آهي، ۽ انهيءَ ڪري سنڌي ادب جو وڏو ذخيرو اهوئي آهي جو عوام جي زندگيءَ جو آئينو آهي. انهيءَ ڪري هن مرحلي تي سنڌي ٻوليءَ جي 'لوڪ ادب' ۽ 'معياري ادب' جي وچ ۾ حد فاصل قائم ڪري نٿي سگهجي.

ٻيو تہ هن تجويز ذريعي 'لوڪ ادب' جو سمورو مواد گڏ نہ ٿي سگهيو آهي، ان کي سهيڙڻ لاءِ وڏي وقت ۽ ڪافي ذريعن جي ضرورت آهي. لوڪ ادب جو سڄو ذخيرو سربستو گڏ ڪرڻ چڻ اٿاهہ سمنڊ سوجهي مڙني موتين ۽ مالڪن کي ميڙڻ جي برابر ٿيندو، جو ناممڪن آهي. البت جو ڪجهہ گڏ ٿي سگهيو آهي سو لوڪ ادب جي هر جنس بابت مثالي مواد آهي. انهيءَ لحاظ سان هن تجويز هيٺ تاليف ڪيل ڪتاب اميد تہ آئنده ڪوشش لاءِ نمايان نشان ۽ نيڪ فال ثابت ٿيندا.

'لوڪ ادب تجويز' جي تحريڪ جيتوڻيڪ بنده جي طرفان شروع ٿي، مگر ان جي عملي سربراهي توڙي تڪميل ۾ گهڻن ئي مخلصن جون

مرڪزي آنيس جي پنهنجي ڪارڪنن سان گڏ خاص طرح محترم ممتاز مرزا هن ڪتاب جي مواد ڪـي اتاري، يڪجاء ڪرڻ، پڙهڻ ۽ دوباره صاف ڪري لکڻ ۾ تحسين جوڳو ڪم ڪيو، ۽ محترم شيخ محمّد اسماعيل ان سڄي ڪم جي نگراني ڪئي، ۽ مسوّده تيار ڪرڻ ۾ مدد ڪئي. هن ڪتاب جي آخري سٽاء، ترتيب ۽ تاليف لاء بنده خود ذميوار آهي.

نيو يارڪ
٥- فيبروري ١٩٦٤ع

خادم العلم
نبي بخش

# عنوانن جي فهرست


| ڳالهه | | | صفحو |
|---|---|---|---|
| ۱- ڏمڻ سونارو -۱ | ... | ... | ۳ |
| ۲- ڏمڻ سونارو -۲ | ... | ... | ۱۳ |
| ۳- سونل -۱ | ... | ... | ۲۱ |
| ۴- سونل -۲ | ... | ... | ۲۴ |
| ۵- سونل -۳ | ... | ... | ۲۸ |
| ۶- راجڪمار ۽ ساهيچي | ... | ... | ۳۲ |
| ۷- سهٽي صوحب | ... | ... | ۳۸ |
| ۸- چاندو ۽ ڪنڪراج | ... | ... | ۴۳ |
| ۹- جلال ۽ مارڪمير | ... | ... | ۴۹ |
| ۱۰- ٻوناراءِ ۽ ليلا | ... | ... | ۵۴ |
| ۱۱- سُڏيوَت ۽ سارنڪا | ... | ... | ۶۷ |
| ۱۲- ڪيمرو ۽ لوڏڻ | ... | ... | ۷۴ |
| ۱۳- آلنڌي ۽ ڏيورو | ... | ... | ۸۰ |
| ۱۴- راڻو سُوندرو ۽ مانڊل راڻي | ... | ... | ۸۴ |
| ۱۵- لالي ۽ سدرو | ... | ... | ۹۷ |
| ۱۶- ڄام ٻُونڙو | ... | ... | ۱۰۷ |
| ۱۷- همير سومرو | ... | ... | ۱۱۲ |
| ۱۸- آهوڪوري هاڻو | ... | ... | ۱۱۸ |
| ۱۹- ٻَڌاماڻي ٻُنڙو | ... | ... | ۱۲۳ |
| ۲۰- ڪپريو ڪاهوڙي ۽ راڻي ڪاڍاري | ... | ... | ۱۲۹ |
| ۲۱- ٻراڻ درياءَ جو سوداگر | ... | ... | ۱۳۵ |
| ۲۲- سارو سنگهار | ... | ... | ۱۴۲ |

| ڳالهه | | | صفحو |
|---|---|---|---|
| ٢٣- ڪارائڙيو سمون | ... | ... | ١٤٦ |
| ٢٤- راجا ڪينٽرو | ... | ... | ١٤٩ |
| ٢٥- پريو ڪاروڙي | ... | ... | ١٦٣ |
| ٢٦- سونل پري | ... | ... | ١٧١ |
| ٢٧- وڪيو ڏاتار | ... | ... | ١٧٦ |
| ٢٨- جسوڌن پادشاهه | ... | ... | ١٨٧ |
| ٢٩- ڳامون سچار -١ | ... | ... | ١٩٤ |
| ٣٠- ڳامون سچار -٢ | ... | ... | ٢١٢ |
| ٣١- ڳامون سچار -٣ | ... | ... | ٢١٨ |
| ٣٢- ڳامون سچار -٤ | ... | ... | ٢٢٥ |
| ٣٣- ڳامون سچار -٥ | ... | ... | ٢٣٤ |
| ٣٤- ڳامون سچار -٦ | ... | ... | ٢٤٣ |
| ٣٥- ٻچل مهر ۽ سعدان جتڻي | ... | ... | ٢٤٦ |
| ٣٦- صابر ۽ ٿوران | ... | ... | ٢٥٣ |
| ٣٧- آنڙ آنڙاڻي | ... | ... | ٢٥٧ |
| ٣٨- ڄاڙو ڀيمجي ۽ غلام شاهه ڪلهوڙو ... | | ... | ٢٦٣ |

**ضميمو**

| | | | |
|---|---|---|---|
| ٣٩- عمر ۽ ڳنگا | ... | ... | ٢٧٣ |
| ٤٠- عمر بادشاهه ۽ نيرل راڻي | ... | ... | ٢٧٩ |

(ھ) غير-تاريخي ڳالهيون. جملي اٺ ڳالهيون جڻ غير-تاريخي حڪايتون آهن. ڇاڪاڻ تہ انهن جي سٽاء ۾ ڪي تاريخي ٽاڻا ۽ اهڃاڻ ٺمڪندا نظر اچن ٿا. انهن مان ست ڳالهيون سومرن جي تاريخي دور سانُ وابستہ آهن ۽ هڪ ڳالھ ڪلهوڙن جي دور سان تعلق رکي ٿي. اسان هيٺ انهيءَ تاريخي سلسلي مطابق انهن تي ٻَڌري روشني وجهون ٿا.

سومرن جو دور. هن دور جي ستن ڳالهين مان ٽي-انڙ انڙائي (٣٧)، سونل ٻري (٣٦) ۽ ڄام ٻونٿرو (١٦)- سومرن جي دور ۾ ڪڇ ۾ سنڌ جي سمن سردارن جي حڪومت سان لاڳاپيل آهن، ۽ باقي چار-جسوڌڻ بادشاھ (٣٨)، همير سومرو (١٧)، عمر ۽ گنگا (٣٩) ۽ عمر ۽ نيرل راڻي (٤٠)-سنڌ ۾ سومرن واري دور سان وابستہ آهن.

انڙ انڙائي. ڄام مهڙ ۽ ڄام مناهي، سنڌ جي سمن مان ٻهريان مک سردار هئا، جن سومرن جي دور جي وچ ڌاري ڪڇ ۾ سمن جي طاقت جو بنياد وڌو. ڪڇ جي روايتن موجب ٻئي، ٻہ ڀاء ڄام مهڙ ۽ ڄام مناهي ٻهريان سما سردار هئا، جي سنڌ مان آيا ۽ اچي ڪڇ ۾ پنهنجي حڪومت قائم ڪيائون. انڙ انڙائيءَ جي ڳالھ انهيءَ دور سان تعلق رکي ٿي، ۽ ڪڇ جي روايتن سان گھڻي قدر ملي ٿي. البت ڪڇ جي روايتن موجب مهڙ ۽ مناهي پنهنجي ڀاء انڙ کي ماريو ۽ انهيءَ ڪري کين سنڌ ڇڏڻي پئي؛ مگر هن روايت مان انهيءَ واقعي جي تصديق ڪانہ ٿي ٿئي. ازانسواء سمن جي شجرن مان پڻ گھڻن ۾ انڙ جو اولاد ڄاڻايل آهي، جنهن جي معنيٰ تہ انڙ سنڌ ۾ ڄام ٿي رهيو ۽ مهڙ ۽ مناهي وڃي ڪڇ ۾ حڪومت قائم ڪئي.

سونل ٻري. ڪڇ ۾ ڄام مهڙ بعد ڄام ساهڙ (يا ڄام ساند) حڪمران ٿيو، جنهن ڪان پوء ٻنس ڄام ڦل گادي تي ويٺو، ۽ ڪانئس پوء سندس پٽ ڄام لاکو حاڪم ٿيو، جو ڪڇ توڙي سنڌ ۾ ڄام لاکي

كلهوڙن جو دور. 'جاڙو ڄيمجي ۽ غلام شاهه كلهوڙي' واري ڳالهه (٣٨) هن دور سان تعلق رکي ٿي. غالباً روايت جي غلطي يا لکندڙ جي سهو سببان، ٻن جدا واقعن سان وابسته بيان هن هڪي ڳالهه ۾ شامل ٿي ويا آهن. شروع کان وٺي ص ٢٦٩ جي اڌ تائين بيان جو تعلق ميان غلام شاهه كلهوڙي جي ڪڇ تي چڙهائي ۽ جاڙي ڄيمجي جي سورهيائي سان آهي. اها هڪ جدا روايت سمجهڻ گهرجي. ٻي روايت ص ٢٦٩ جي اڌ کان شروع ٿئي ٿي، جنهن جو تعلق ڪڇ جي حڪمران گهراڻي جي عداوتن ۽ چار راول جو چارنگر جي گادي قائم ڪرڻ سان آهي. اهو واقعو ميان غلام شاهه جي ڪڇ تي چڙهائي کان گهڻو اڳاٽو آهي ۽ هڪ جدا روايت سمجهڻ گهرجي. هيٺ اسان انهن ٻنهي واقعن جي تاريخي پس منظر تي قدري روشني وجهون ٿا.

ميان غلام شاهه ۽ جاڙو ڄيمجي. هن روايت وارن واقعن جو تعلق ١٨ صدي جي ٻئي اڌ سان آهي، جڏهن سنڌ ۾ ميان غلام شاهه كلهوڙي جي حڪومت هئي ۽ ڪڇ ۾ راءِ گوڙ جي راڄڌاني هئي. 'راءِ لاکي' کان پوءِ سنه ١٧٦٠ع ۾ ڪڇ جي تخت تي 'راءِ گوڙ' ويٺو. سندس وزير 'ديوڪرڻ لوهاڻي' جو پٽ 'پونجو لوهاڻو' هو، جنهن کي راءِ لاکي بيعزتو ڪري ڪڍي ڇڏيو هو. جڏهن راءِ گوڙ تخت تي ويٺو، تڏهن پونجو انهي خيال سان واپس موٽي آيو ته هاڻي ڪيس آب ملندو، پر راءِ گوڙ به ڪيس ڇڱي عزت ڪانه ڏني. راءِ گوڙ طبعاً هڪ ظالم ۽ ضدي حڪمران هو. اهو حال ڏسي پونجو ڪڇ ڇڏي سنڌ ڏانهن آيو، جتي ميان غلام شاهه كلهوڙي جي حڪومت هئي. ميان غلام شاهه، پونجي کي عزت ڏني ۽ ڪائنس سنڌ ۾ اچڻ جو سبب پڇيو، جنهن تي هن ٻڌايو ته: ميان صاحب، راءِ گوڙ نهايت ظالم آهي. هن منهنجي پيءُ ديوڪرڻ کي مارايو ۽ مونکي اڻ بيعزتو ڪري، دربار مان لوڏي ڪڍيو آهي. آءٌ اها دانهن کڻي تو

سگابندي گنيدي، مطمئن ٿي، راءِ گوڙ هاڻي وزير پونجي لوهاڻي کي هميشه ختم ڪرڻ جي سٽ سٽي. ڪيس دم دلاسا ڏيئي ڪڇ ۾ رهايائين ۽ ميان غلام شاهه سان گڏ واپس سنڌ وڃڻ نه ڏنائين. ان بعد اجان به وڏيڪ خاطري ڏيڻ خاطر ڪيس پنهنجو وزير مقرر ڪيائين. پوءِ ڪجهه عرصي بعد هڪڙي ڏينهن پونجي وزير کي گهرائي پنهنجي روبرو زوريءَ زهر جو پيالو پياري ڪيس پورو ڪيائين. راءِ گوڙ طبعي طور سرڪش ۽ ظالم هو. هن معمولي ڳالهين تان پنهنجا ٽيهه وزير مارائي ڇڏيا. خود پنهنجي سڳي پياءُ مانسنگهه سان ڪنهن ڳالهه تان سنڌس تڪرار ٿي پيو ته ان کي پڻ مارائي ڇڏيائين. اهڙيءَ طرح ظلم ۽ ڏوهه جي هٿيارن سان ارڙهن اوڻيهه سال ڪن (١٧٦٠-١٧٧٧ع) ڪڇ جي گاديءَ تي قابض رهيو.

جام راول جي سرڪشي ۽ جام نگر جو بنياد. متن ۾ ڏنل روايت موجب (ص ٢٦٩) ڀيمجي ۽ ستوجي، جي ميان غلام شاهه ۽ راءِ گوڙ واري دور ۾ هئا، تن سان 'ستوجي' جي اولاد کي هن واقعي سان ڳنڍيو ويو آهي، جو صحيح نه آهي. هي واقعو ڏيڍ سؤ سال اڳ سورهين صدي عيسوي جي پهرئين اڌ جو آهي. ڪڇ جي روايتن موجب ڪڇ ۽ جام نگر (رياستن) جي راون جو وڏو ڏاڏو 'رتو رائڌڻ' هو، جنهن جي هڪ پٽ 'اوناجي' جي اولاد مان ڀيمجي ٿيو ۽ ٻئي پٽ 'گجڻ' جي اولاد مان لاکو ٿيو. ڀيمجي ڪڇ جو راءِ هو ۽ ڪانئس پوءِ سندس پٽ 'هميرجي' راءِ ٿيو. لاکي جو پٽ راول ٿيو، جو 'هميرجي' جي وقت ۾ هڪ سرڪش سردار هو. راول سنه ١٥٣٧ع ۾ هميرجي کي قتل ڪيو. هميرجي جي ٻن ٻارڙن 'ڪنگهارجي' ۽ 'صاحب جي' کي ڪن خيرخواهن مارجڻ کان بچايو، جنهن جو تفصيلي ذڪر هن روايت ۾ موجود آهي. بالآخر 'ڪنگهارجي' راءِ ٿيو، ۽ جام راول کي ڪڇ ڇڏڻي پئي، جنهن وڃي هالار ۾ پنهنجي جدا رياست قائم ڪئي ۽ جام نگر شهر جو بنياد وڌو.

## نتيجو

مٿئين مختصر جائزي مان معلوم ٿيندو ته هن جلد ۾ شامل مواد سنڌ ۾ نن قصہ خواني جي ابتدا ۽ اوسر توڙي سنڌي ٻولي، تمدن ۽ تاريخ جي سرمايي جي لحاظ سان ڪافي مفيد آهي. هن سلسلي جي ٻهرين ڇهن جلدن ۾ ٻه سؤ ڇهانوي ڪهاڻيون ۽ آکاڻيون شامل آهن، ۽ هن ستين جلد جي اشاعت سان جملي ٽي سؤ ڇٽيهہ ڪهاڻيون، آکاڻيون ۽ ڳالهيون، متن جي تحقيق ۽ تصحيح سان پڙهندڙن جي آڏو اچي وينديون، ۽ سنڌي لوڪ ادب جو هي قيمتي ذخيرو هميشه لاءِ محفوظ ٿي ويندو.

ن. ب.

نيو يارڪ
٢٠- جنوري ١٩٦٤ع

# متن

## ڳاهن سان ڳالهيون

انهيءَ اونداهي کوهه ۾ اڇلارايو. پر جيئن ته شهزاديءَ سندن بچاءُ لاءِ اڳ ۾ ئي بندوبست ڪري ڇڏيو هو، تنهنڪري هنن کي ذرو به ڌڪ نه لڳو.

رات جو شهزادي ڳجهي سرنگهه رستي هنن سان اچي ملي، سيئي پاڻ ۾ ملي ڏاڍا خوش ٿيا. پوءِ ڪين تيار ڪري پاڻ سان ونئي، گهڻو مال متاع کڻي، تيز گهوڙن تي چڙهي دلوراءِ جي نگري ڇڏي وڃي ٻئي ملڪ ۾ رهيا، جتي سڄي عمر امن ۽ آرام سان گذاريائون.



# سونل - ۱ *

ڳالهه ٿا ڪن ته آڳاٽي زماني ۾ ڪنهن ننڍي ڳوٺڙي ۾ هڪ سهڻي ڇوڪري پنهنجي ستن ڀائرن سان رهندي هئي. هن جا وار سونا ۽ ڊگها هوندا هئا، تنهنڪري ماڻهو کيس ”سونل“ سڏيندا هئا. سندس ستئي ڀائر ڏاڍا پهلوان هوندا هئا، جي روزانو صبح جو پنهنجي ڪم تي ويندا هئا ۽ شام جو موٽي ايندا هئا. سونل وري گهر جو ڪم ڪار ڪندي هئي.

هڪڙي ڏينهن، هڪڙو وڏو ديو اڏامندو پئي ويو ته سندس نظر وڃي سونل تي پيئي. ديو کيس ڏسڻ شرط عاشق ٿي پيو ۽ لهي وٽس آيو. ديو کي ايندو ڏسي، هن کي ڏاڍو ڊپ ٿيو، پر دل جهلي چيائينس ته: ”مٺا ديو! هتي ڇو آيو آهين؟ هتان هليو وڃ نه ته منهنجا ڀائر ٻوٽي ٻوٽي ڪري ڇڏيندئي“. ديو کلي چيس ته: ڇري، ڪنهن کي به طاقت نه آهي جو منهنجي وار ڇو به ڪو نالو وٺي سگهي. تون اهڙيون ڳالهيون نه ڪر، اچ ته پاڻ ۾ قرب جون ڳالهيون ڪريون. سونل هراسجي ويئي ۽ ڪوبه جواب ڏيئي نه سگهي. آخر ديو چيس ته: مون سان شادي ڪر، آءٌ توکي هرطرح سکيو رکندس. پر سونل کيس صفا انڪاري جواب ڏيئي ڇڏيو. ديو کي سخت ڪاوڙ لڳي ۽ ڇا ڪيائين جو گهر جو ٻاهريون در بند ڪري، سئي ڌاڳي سان سونل جون اکيون سبي، سندس ڊگهن وارن کي ٿنڀ سان ٻڌي ڇڏيائين،

---

* 'سونل' جي هيءَ روايت حيدرآباد شهر مان زبيده بيگم شيخ کان ملي.

۽ پاڻ هن جي گوڏي تي سمهي رهيو. شام جو سونل جا ڀائر ڪم تان موٽيا، تن اچي در کڙڪايو ۽ چيائون ته:

ادي سونل، ادي سونل! در لاهه، ڏيو ٻار.

ڀائرن جو آواز سڃاڻي، سونل اندران جواب ڏنو ته:

ادا ڙي ادا! اکيون سڄيءَ سڀيون،
چوٽو ٽمپ ٻڌو، راڪاس گوڏڙي ستو.

راڪاس جو ٻڌي هنن ويچارن کي ڏاڍو ڊپ لڳو ۽ ڊنا ته جي اندر وينداسين ته راڪاس ماري ڇڏيندوسين، سو انهيءَ ڊپ ڪري واپس هليا ويا ۽ وڃي ٻئي هنڌ رات گذاريائون.

ٻئي ڏينهن به ستئي ڀائر شام جو وري آيا، ۽ ڊڄندي ڊڄندي در تي بيهي ڀيڻ کي سڏ پائون:

ادي سونل، ادي سونل! در لاهه ڏيو ٻار.

ڀائرن جو آواز ٻڌي، سونل وري به ساڳيوئي جواب ڏنو ته:

ادا ڙي ادا! اکيون سڄيءَ سڀيون،
چوٽو ٽمپ ٻڌو، راڪاس گوڏڙي ستو.

اهو ٻڌي ويچارا ڀائر وري به ماٺ ڪري موٽي ويا. اهڙيءَ طرح روزانو ايندي ويندي هنن کي ڇهه مهينا گذري ويا. ديو به ڪو ڇهه مهنا ننڊ ڪندو ۽ ڇهه مهينا جاڳندو هو، تنهن جي ننڊ به اچي پوري ٿيڻ وري هئي.

سونل جي ڀائرن ڏٺو ته ديو ننڊ مان جاڳي سونل کي کڻي هليو ويندو، اهو خيال ڪري ارمان ۾ پئجي ويا ته 'الا! سونل جهڙي ڀيڻ اسان کي وري ڪٿان ملندي؟' سو خيال ڪيائون ته ڪنهن به طرح ديو کي ماري سونل کي ڇڏائجي. پوءِ جي ديو سان وڙهندي مئاسين ته ڀيڻ تان صدقو ٿياسين. اهو خيال ڪري کهاڙيون ۽ ڏنڊا کڻي پنهنجي گهر جي در تي آيا ۽ کڙو کڙڪائي ڀيڻ کي چيائون ته:

ادي سونل، اي سونل! در لاهه ڏيو ٻار.

سونل ويچاري تمام هيٺي آواز ۾ ڪين جواب ڏنو ته:

ادا ڙي ادا! اکيون سڄيءَ سبيون،
چوڻو تنهنجو ٻڌو، راڪاس گوڏڙي سِتو.

سونل جو جواب ٻڌي پڪ ٿين ته ديو اچا ستو پيو آهي، پوءِ در پيچي گهر ۾ گهڙي آيا. ديو کي ستي ٿي اچي ورتائون. هڏي هڏ گڏ پيچي ڇڏيائونس. ديو جي مرڻ کان پوءِ ڀيڻ کي ٿنهي سان ڇوڙي گهر وٺي آيا، اتي هڪٻئي سان ملي باقي حياتي آرام سان گذاريائون.



# سونل - ۲ *

ڪنهن زماني ۾، هڪڙي ڳوٺ ۾ هڪ شخص رهندو هو، جنهن کي ست پٽ هئا ۽ هڪڙي ڌيءَ هئي. سونهن ۽ سوڀيا ۾ ان ڇوڪريءَ جهڙي ڪا ورلي هوندي. سندس وار به سچا سونهري هئا، جنهنڪري کيس سڏيندا ئي 'سونل' هئا.

هڪڙي ڏينهن سونل پنهنجي سهيلين سان گڏجي ڀرواري تلاءَ تي وهنجڻ ويئي، اتي وهنجندي سندس مٿي جو هڪ وار تلاءَ ۾ ڪري پيو. جڏهن سانجهيءَ جو سندس وڏو ڀاءُ ان تلاءُ تي گهوڙي کي پاڻي پيارڻ ويو ته کيس پاڻيءَ ۾ اهو وار ترندو نظر آيو. سونو وار ڏسي هو حيران ٿي ويو ۽ خيال ڪرڻ لڳو ته، 'جنهن جا وار ئي سونا آهن سا ڪيتري قدر نه سهڻي هوندي، اها ڳالهه ڳڻي، دل ۾ پڪو پهه ڪيائين ته انهيءَ ڇوڪريءَ سان ضرور شادي ڪندس. سو ڇا ڪيائين جو اهو وار کڻي سڌو گهر آيو ۽ ماءُ کي چيائين ته: اما! جنهن ڇوڪريءَ جي مٿي جو هي وار آهي، ان سان منهنجي شادي ڪراءِ. ماڻس اهو وار سڃاتو ۽ پٽ کي چيائين ته: ابا! چريو ته ڪين ٿيو آهين! هي وار ته سونل جو آهي، تنهنڪري ڀيڻ سان ڪيئن شادي ڪندين؟ اهو ٻڌي هن جا طاق لڳي ويا، پر دل ۾ جيڪو اراد و ڪيو هئائين تنهن کي به ڇڏڻ چڱو نه سمجهائين، سو ضد ڪري ويٺو، چئي: ڇا به هجي، شادي ڪندس ته سونل سان، نه ته سڄي عمر ائين گذاريندس.

---

* 'سونل' جي هن ڳالهه جو مدار ٻن روايتن تي آهي، جي وچولي (حيدرآباد شهر) مان زبيده بيگم ۽ تعلقي ٽنڊي الهيار مان ولي محمد طاهرزادي کان مليون.

اهو ٻڌڻ شرط ماءُ جي دل کي اهڙو ته صدمو آيو جو اتيئي دانهن ڪري ڪِري پيئي ۽ مري ويئي.

هوڏانهن وري جڏهن ماءُ نه موٽي، تڏهن وري پيءُ سونل کي وٺڻ لاءِ آيو، وڻ هيٺان اچي سونل کي سڏ ڪري چيائين ته:

امان سونل، اما سونل! لهي آءُ، انهيءَ وڻ تان لهي آءُ،
پنهنجي گهر دهل وڄن، دمر وڄن، ويندين وارا گهوٽ نچن،
لهي آءُ، لهي آءُ.

تنهن تي سونل پنهنجي پيءُ کي جواب ڏنو ته:

ابا ڙي ابا! ماءُ نه تنهي سس، پيءُ نه تني صهرو،
اهڙو جي تمي ڦهر، پوءِ ڏونگر ڪيئن نه ڏري!

اهو ٻڌي ڀٽس کي اهڙو ڌڪ ٿيو جو دانهن ڪري ڪِري پيو ۽ وري نه اٿيو.

وري جڏهن پيءُ کي دير ٿي تڏهن وڏو ڀاءُ ڪيس وٺڻ آيو، ۽ وڻ هيٺان بيهي ڀيڻ کي چيائين ته:

ادي سونل، ادي سونل! لهي آءُ، انهيءَ وڻ تان لهي آءُ،
پنهنجي گهر دهل وڄن، دمر وڄن، ويندين وارا گهوٽ نچن،
لهي آءُ، لهي آءُ.

سونل مٿان جواب ڏنس ته:

ادا ڙي ادا! ماءُ نه تني سس، پيءُ نه تني صهرو،
جي ڀاءُ تني گهوٽ، ته اچا ڏونگر ڪيئن نه ڏري!

ڀاءُ، ڀيڻ جو اهو ورڻ ٻڌي نه سگهيو ۽ اتي ئي ڪري پيو. وري جڏهن ٻئي ڀاءُ ڏٺو ته ادو نه موٽيو، ته پاڻ ڀيڻ کي وٺڻ لاءِ آيو ۽ وڻ هيٺان بيهي، ڀيڻ کي ساڳيءَ طرح ليلائڻ لڳو. ان کي به ڀيڻس جواب ڏنو ته:

ادا ڙي ادا! ماءُ نه تني سس، پيءُ نه تني صهرو،
جي ڀاءُ تني ڏير، ته ڏونگر ڪيئن نه ڏري!

اهو جواب ٻڌنديئي ڀائس کي به اهڙو ڌڪ ٿيو جو اتي جو اتي

# سونل – ۳ *

ڪنهن ڳوٺ ۾ سونل نالي هڪڙي ڇوڪري پنهنجي ستن ڀائرن سان گڏ رهندي هئي، سندس وڏو ڀاءُ پرٽيل هو. هڪڙي ڏينهن سونل ڀاڄائي کان ڪُهنبو ريٺو وٺي، ڀاڙي جي ٻارن سان کيڏڻ وئي. راند ڪندي ڪندي ريٺو ڇيٽي ۾ پرجي پيس، سو مار ملڻ جي ڊپ کان وچي تلاءَ تي ڌوئڻ لڳي. ڪهنبي ريٺي جي ڌوئڻ ڪري، سڄي تلاءَ جو پاڻي ڳاڙهو ٿي ويو.

ٿوري وقت گذرڻ کان پوءِ سونل جو وڏو ڀاءُ پنهنجي ڪميت گهوڙي کي وٺي ان تلاءَ تان پاڻي پيارڻ آيو، پر پاڻي ڳاڙهي هئڻ سبب گهوڙي نه پيتو. پڇا ڪرڻ تي معلوم ٿيس ته سونل وچي تلاءَ ۾ ڪهنبو ريٺو ڌوتو هو، جنهنڪري پاڻي ڳاڙهو ٿي ويو آهي. اهو ٻڌي پيڻ تي ڏاڍو ڪاوڙيو، پر ماءُ جي ڊپ کان ماٺ ڪري ويهي رهيو.

ٿورن ڏينهن گذرڻ بعد سونل کي سزا ڏيڻ جي ارادي سان هن سونل ۽ ننڍي ڀاءُ کي چيو ته: هلو ته ناناڻن مان گهمي اچون. ۽ ماءُ کي چيائين ته: اما! ادي سونل ۽ ادا ننڍي کي سنبرائي ته ٻنهي کي ناناڻن مان گهمائي اچان. ماڻس پهريائين ته نٿي ڇڏيو، پر آخر پٽ جي زور ڀرڻ تي موڪل ڏنائين. هي ٻنهي کي ساڻ ڪري ناناڻن جو رستو وٺي هلڻ لڳو. اڌ رستي تي پهچي، سڌو رستو ڇڏي، جهنگ ڏانهن وڃڻ لڳو. تنهن تي سونل چيس ته: ادا! ناناڻن جو ته رستو هي آهي، تون اسان کي ڪيڏانهن ڦو وٺيو هلين؟ اتي ڀائس دڙڪو ڏيئي چيو ته: ماٺ ڪري هل! هتان

---

* 'سونل' جي هيءَ روايت حيدرآباد شهر مان زبيده بيگم شيخ کان ملي.

نيٺ هلندي اچي سيني کان ننڍي ۽ سٺين ڀاءُ جي در تي صدا هنيائين:

ساميءَ تي منگان، جوڳيءَ تي منگان، ڪٿي ڪاڏس وڏي ڀاءُ،
ڪل نہ لڌڙي ننڍي ڀاءُ، ڏيندي ڪا باب ٻڪيا؟

سونل جي ماءُ بہ ننڍي پٽ سان گڏ رهندي هئي، جا ڌيءُ جي ڏک ۾ روئي روئي انڌي ٿي پئي هئي، سا پنهنجي ڪيلڌي ڌيءُ سونل جو آواز سڃاڻي، ڀڄندي در وٽ آئي، اتي ننڍو ڀاءُ بہ اچي پهتو ۽ فقير کي چيائون تہ: جوڳي! مرلي وري وڄاءِ. جوڳي وري بہ ساڳي صدا ٻڌاين. آخر ٻنهي ماءُ پٽن چيو تہ: جوڳي اها مرلي اسان کي ڏي. پر فقير ڏيڻ جي نہ پيو ڪري. نيٺ گهڻي ستائڻ تي فقير کين مرلي ڏني. ٻڍڙيءَ جوڳيءَ کي ماني ٽڪي کارائي، پيسو ڏوڪڙ ڏيئي روانو ڪيو. رات ٿي تہ ٻڍڙيءَ ڇا ڪيو جو اها مرلي ڪٺي گنديءَ ۾ رکي ڇڏي. صبح جو اٿي ڏسي تہ گنديءَ ۾ سندس ڌيءَ سونل ويٺي آهي! ڪيس ڏسي، ڀاڻس ۽ ماڻس ڏاڍا خوش ٿيا. ماڻس جا روئي روئي انڌي ٿي ويئي هئي، تنهن کي بہ آهستي آهستي اکين ۾ نُور پوڻ لڳو، وڏو ڀاءُ بہ پنهنجي ڪئي تي پشيمان ٿيو، ۽ پوءِ سيئي پاڻ ۾ گڏجي خوش گذارڻ لڳا.



# راجڪمار ۽ ساهيڇي *

ڪنهن شهر ۾ هڪڙو سوداگر رهندو هو، جنهن جي راجڪمار سان گهري دوستي هوندي هئي. سوداگر کي ’ساهيڇي‘ نالي هڪ حسين زال هئي. زال مڙس پنهنجي پاڻ ۾ ڏاڍو پيار هوندو هو. هڪڙي ڏينهن سوداگر ڪنهن ڪم سانگي ٻاهر ٿي ويو، تنهنڪري پنهنجي دوست راجڪمار کي گهر جي سنڀال لهڻ جي پارت ڪري ويو. سوداگر جي وڃڻ کان پوءِ راجڪمار روزانو گهوڙي تي چڙهي، سوداگر جي گهر جي ٻاهران هڪ ٻه چڪر هڻي موٽي ايندو هو.

هڪڙي ڏينهن ساهيڇي پنهنجي محلات جي دريءَ وٽ وار ٻيٺي سڪايا ته دستور موجب شهزادو به گهوڙي تي چڙهي انهيءَ وقت اچي اُتان لانگهائو ٿيو. سندس نظر ساهيڇيءَ تي وڃي پيئي. شهزادو، ساهيڇيءَ جو حسن ڏسي حيران ٿي ويو ۽ اکيون ڇنڀي نه سگهيو، پر پوءِ جلدئي پاڻ سنڀالي، متي ماڙيءَ تي چڙهي ويو ۽ وڃي ساهيڇيءَ کي چيائين ته:

نگري! تون آولهي ٿي، ماڙي نهاربوم اڄ،
نڪا ڏيوَن ۾ ڏيوَل ٻٽري، نه راڻين ۾ رڄ.

(اي نينگري! تون لڪل هئينءَ، مون اڄ اوچتو ماڙيءَ ڏانهن نهاريو آهي، ڏسان ٿو ته توجهڙي نه ڪا ديوي آهي ۽ نه وري راڻين ۾ ڪا توجهڙي سونهن آهي.)

راجڪمار جي ڳالهه ٻڌي، ساهيڇي چوڻ لڳي ته:

---

* هن ڳالهه جي روايت ٽرهارڪر (تعلقي ننگرپارڪر) مان سنگهارام اوجها کان ملي.

(اي سرتي! توسان ڪهڙي ويڌن آهي جو سڄي رات اُتلندي پتلندي گذارين ٿي ۽ تنهنجي پيرن جي ڇير جو ڇمڪار سڄي رات ٿيندو رهي ٿو، آخر ڪهڙو سبب آهي جو تو ڪي رات جو ننڊ نٿي اچي).
پر هوءَ ڪنهن کي ڪيئن ٻڌائي ته ساڻس ڪهڙي ويڌن آهي.
ٿورن ڪهڻن ڏينهن کان پوءِ، سوداگر به مسافريءَ کان موٽي آيو. گهر ۾ گهمندي ڦرندي هو پنهنجي بستري تي وڃي ويٺو ته اوچتو سندس نظر وڃي راجڪمار جي مُنڊيءَ تي پئي. مڙس جيڏو هو تيڏو دهلجي ويو، اچي وسوسا جاڳيس ته لاشڪ ساهيڙي راجڪمار سان ڦِٽل آهي، ۽ منهنجي غيرحاضري ۾ راجڪمار هتي ايندو رهندو آهي. ڏاڍي ڪاوڙ لڳس پر ووءِ ووءِ ڪرڻ مناسب نه سمجهائين، سو ميٺيءَ به مات مُٺيءَ به مات، دل جو سور دل ۾ رکي ساهيڙيءَ سان ڳالهائڻ ٻولهائڻ ڇڏي ڏنائين. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ساهيڙي سمجهي ويئي ته سوداگر ڪهڙي آزار ۾ ڦاٿل آهي، سو شڪ دور ڪرڻ لاءِ کيس چيائين ته:

ڌرتي ڏان نه پنجي، تارا مَنڊل هَست هوءِ،
ڏارئين سان پريت ڪَران ته پرتوي پَرلئه هوءِ.

(جيڪڏهن آءٌ ڪنهن ٻئي ڌارئي سان پريت ڪريان ته ڀليءَ ڌرتي اوپڙ نه ڪري ۽ ڀلي سج، چنڊ تارا ناس ٿي وڃن ۽ قيامت ٿي وڃي.)
پر سوداگر جو شڪ نه لٿو ۽ ساڳيءَ طرح مات ۾ رهيو. سوداگر جي گهر ۾ خوشيءَ جي بدران اهڙي مات ڏسي، ساهيڙيءَ کان سندس سهيليءَ پڇيو ته:

لعل پَلنگ لچڪيو نهين پايل جي جهڻڪار!
هَون پيچان، اي سکي! ڪَون چتر، ڪَون گنوار؟

(اي سرتي! سوداگر جي موٽڻ کان پوءِ به نه تنهنجي پلنگ جو آواز ٿو ٻڌجڻ ۾ اچي ۽ نه ئي وري تنهنجي ڇير جو ڇمڪار. ٻڌاءِ ته توهان سان ڪهڙي ويڌن آهي؟)

ٻار چڙهي جل تانگهيو، پاڻي پيڻ ري ڪچ،
پڻ هنسي چُونڇ ٻوڙي نهين، نشچيه آئيو اچ.

(برابر، هنس پاڻي تانگهيو هو، پيئڻ جي ڪوشش ٻه ڪئي هئائين، پر ٻي نه سگهيو، منهنجي ڳالهه تي اعتبار ڪريو.)

سوداگر کي اتي ڀڪ ٿي ته ساهيچي جو ڏوهه ڪونهي، ڏوهه راجڪمار جو آهي، سو اُن ڏينهن کان هن سان دوستي ٽوڙيائين، جنهن جي لائق ٻه هو، باقي پاڻ ۽ ساهيچي سڀ شڪ گمان لاهي، خوشيءَ جي زندگي گذارڻ لڳا.



لڳا، ٿوري دير ۾ دڪان ٺلهو ٿي ويو، پر هن يار کي ڪا به خبر ڪانه پيئي. اوڏيءَ مهل هڪڙو هاري به پنهنجي ڏڪي سميت اچي بازار سان لنگهيو. اوچتو سندس نظر به وڃي صوحب تي پيئي، سو جتي هو آتي ئي حيرانيءَ ۾ بيهي رهيو، ۽ کيس خبر ئي ڪانه پيئي ته ڪيڏيءَ مهل ڪانئس ڏڪو ڇڏائي ويو. مطلب ته جن ٿي صوحب کي ڏٺو، سي بت بنجي بيهي ٿي رهيا.

صوحب سيس ڳڏء، ڳڻي ڳانڊي کي هٿ،
وانئي وکر ڳنوايو، ڏڙڏ ڳنوائيو چٽ،
ڏانگ ڳنوائي ڏوڪري، ڦريو هاتو رو هٿ.

ايتري ۾ هڪ ميلاني فقير به اچي اتي پهتو، جو پڻ صوحب جي سونهن جي هاڪ ٻڌي، پري کان پنڌ ڪري کيس ڏسڻ آيو هو. فقير، صوحب کي ڏسي چيو ته: بيشڪ تنهنجو حسن بيمثال آهي، پر پلان پليءَ جو ڇيهه ئي ڪونهي. ائين چئي فقير رمندو رهيو. صوحب هڪڙي فقير جي واتان پنهنجي لاءِ اهي لفظ ٻڌي نراسائيءَ سان گهر موٽي آئي، ۽ ويڳاڻي ٿي کٽ تي ليٽي پيئي. فقير جي چيل ڳالهه تي ويچار ڪري چوڻ لڳي ته: 'پلان پليءَ' جي ڇيهه جي ڳولا ڪرڻ گهرجي. اجهان انهن ئي ٻورن ۾ هئي ته سندس مڙس آيو ۽ کيس ائين ويڳاڻي حالت ۾ ڏسي ان جو سبب پڇيائين. صوحب کيس فقير واري سڄي ڳالهه ڪري ٻڌائي ۽ ضد ڪري بيٺي ته: ڪيئن به ڪري، پلان پليءَ جو ڇيهه ڏسي اچي مونکي ٻڌاءِ.

ٻئي ڏينهن صوحب جو مڙس سهي سنبري، پلان پليءَ جي ڳولا ۾ روانو ٿيو. وات تي ڳوٺ ڳوٺ، شهر شهر ۾ ترسندو، سونهن جي پلان پليءَ جي ڳولا ڪندو رهيو، پر ڪٿي به کيس پنهنجي زال صوحب کان وڌيڪ سونهن واري نظر نه آئي. آخر هلندي هلندي ڪن ڏينهن جي سفر کان پوءِ اچي هڪڙي ولايت ۾ پهتو. اتي هڪڙي هنڌ ڏسي ته تلاءَ ۾ ڪي جوان ڇوڪريون پيون وهنجن. سونهن ۾ سڀئي هڪبئي کان سرس هيون. هيءَ پريان بيهي ڏسندو

رهيو، جو پرديس ۾ پراين عورتن سان ملڻ کان پئي ڊنو. ڇوڪريون ڏسڻيون بہ ضرور هئس. آخر همت جهلي، گس جي ڏس پڇڻ جو بهانو ڪري اڳتي وڌيو. ڇوڪريون سونهن ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هيون، هيءُ حيراني وچان هنن کي ڏسندو رهيو: سبحان الله، ڪنهن کي ڏسي ڪنهن کي ڏسي! سندن سونهن ڏسي صوحب ڏي وسري ويس. آخر انهن ڇوڪرين کان پڇيائين تہ:

جَر اوڏيو، سَر ڀريو، جَر تي ڪِهس لَڙ هتِ،
ڏس ڏيو ڙي گورڙيان! ڏانڊي ڪٿ چلت؟

(سهڻيون ڇوڪريون! اوهين ڀلي جر اوڏيو ۽ جر ڀريو (يعني وهنجو)، اوهان جا ڪارا وار ڀلي تہ پيا پاڻيءَ ۾ ترن، پر مونکي گهٽي وڃڻ لاءِ واٽ جو ڏس ڏيو.)

تڏهن انهن مان هڪڙي چٽيءَ هن ڏانهن منهن ڪري، ٻانهن سنئين ڪري، اشاري سان جواب ڏنس تہ:

جَر اوڏيون، جَر ڀريون، جَر تي ڪِهس لَڙهت،
ڪٿان آئين ڙي پانڌيا! ڏانڊي اُت چلت.

(اي مسافر! اسين هن تلاءَ ۾ هميشه وهنجنديون آهيون، انهي تلاءُ جي پاڻي ۾ اسان جا وار پيا ترندا آهن، پر تون ڪو ٻئي ملڪ جو ماڻهو ٿو ڏسجين، ٻڌاءِ تہ ڪٿان آيو آهين؟ تنهنجي وڃڻ جي واٽ اجها اها سامهون آهي.)

اها ڇوڪري اهڙي تہ سهڻي هئي جو صوحب جو ٻڙس هن جو منهن ۽ اُگهاڙي ٻانهن ڏسندي غش ٿي ڪِري پيو ۽ ڦٿڪڻ لڳو. ڪنهن شخص هن کي اهڙي طرح ڦٿڪندو ڏسي سموري روئداد وڃي بادشاهہ کي ٻڌائي. جنهن ان ڇوڪريءَ ۽ مسافر کي دربار ۾ حاضر ڪرڻ جو حڪم ڪيو. حڪم جي دير هئي، اڪ ڇنڀ ۾ ڇوڪري ۽ مسافر اچي دربار ۾ حاضر ڪيائون. ڇوڪري پنهنجو سڄو جسم، سواءِ اکين جي، هڪڙي چادر ۾ ڍڪي ڇڏيو

(بادشاهه سلامت! منهنجي مُنهن ڏسڻ جو خيال ئي لاهي
ڇڏ، ڇو ته جيڪڏهن آءٌ سورنهن ئي سينگار ڪريان ته واٺهڙو
منهنجي سونهن ڏسي هوند ويهي رهن، ۽ موٽي نه وڃن؛ جيڪڏهن
پيشانيءَ تي رڳو معمولي تلڪ لڳايان ته ڏهه ماڻهو مرن،
۽ جي ڪجل اکين ۾ پايان ته ويهه ماڻهو مري وڃن؛ پر
جي، سمورو سينگار ڪريان ته هڪ لک پنجويهه ماڻهو مري
وڃن. ۽ جي جبل تي چڙهي، پنهنجي ڳچي اُگهاڙي ڪريان
ته سؤ ڪوهن تي هرڻ مري وڃي، انسان جي ڪهڙي ڳالهه آهي!)

ڪامڻيءَ جي اها ڳالهه ٻڌي، بادشاهه به ڪٿي مات ڪئي،
آخر صوحب جو مڙس پلان پليءَ جو چيهه ڏسي، اچي پنهنجي گهر
پهتو، ۽ صوحب کي سڄي ڳالهه ڪري ٻڌايائين. اها حقيقت ٻڌي
صوحب وري ڪڏهن به پنهنجي حسن تي بانور نه ڪيو.

۽ گنگراج جي عشق جي مام لڪي ويئي.

ٿورن گھڻن ڏينھن کان پوءِ راجا مري ويو، چاند و وزير، راڻي گنگراج سان شادي ڪري انھيءَ حڪومت جو راجا ٿي ويھي رھيو ۽ حياتيءَ جا باقي ڏينھن سک سان گذارڻ لڳا.



# جلال ۽ مارڪ ميرُ *

ڪنهن زماني ۾ سنڌ جي هڪ حصي تي 'مارڪ مير' نالي باد شاهه حڪومت ڪندو هو. ڪيس 'جلال' نالي ڀائٽيو هو، جو سندس همُ عمر هو. ٻنهي جي پاڻ ۾ ڀائرن جهڙي پريت هئي. چاچو ڀائٽيو ٻئي ڄڻا هڪٻئي کان هڪ پل به جدا نہ ٿيندا هئا. خدا جي قدرت جو سندن شادي بہ هڪڙي ئي ڏينهن گڏ ٿي هئي. شوق شڪار کان سواءِ سندن سرندي ڪا نہ هئي.

ڪجهہ عرصي گذرڻ کان پوءِ مارڪ مير جي زال مري وئي، جنهنڪري ٻيهر واري باد شاهيءَ مان 'ٻوبنا' نالي شهزاديءَ سان شادي ڪيائين. ٻوبنا اهڙي تہ سهڻي هئي جو آسپاس جا ڪئين شهزادا ۽ امير سائس شادي ڪرڻ لاءِ آتا هئا، پر قدرت جي لکئي موجب ٻوبنا جي شادي مارڪ مير سان ٿي.

جلال پڻ ٻوبنا جي سونهن جي ساراهہ ٻڌي مٿس پريت عاشق ٿي پيو هو، سا جڏهن پرڻجي مارڪ مير جي محلات ۾ آئي تڏهن جلال محلات ۾ گهڻي اچ وڃ ڪرڻ لڳو. ٻوبنا بہ جڏهن جلال جي پهلواني ۽ سونهن کي ڏٺو، تڏهن اها بہ ڪيس ڀانئڻ لڳي، اهڙيءَ طرح هنن ٻنهي جو پاڻ ۾ عشق ٿي ويو. جلال جي محلات ۾ گهڻي اچ وڃ، ٻوبنا سان ڳجهين ملاقاتن، مارڪ مير کي شڪ ۾ وجهي ڇڏيو. آخر ڪار ٻانهين مان خبر پيس تہ

---

* هيءَ روايت اثر (تعلقي ميرپورماٿيلي) مان محمد عالم ”شور“ خانپوري کان ملي.

ماراڻي، سنڌس ۽ پٽن جا لاشا درياءَ ۾ لوڙهائي ڇڏيا. بوبنا جڏهن محلات جي دريءَ مان اهي لاشا لڙهندا ڏٺا، تڏهن ٻانهيءَ کان پڇا ڪيائين، جنهن سموري حقيقت ٻڌايس. جلال جي مارجڻ جو ٻڌي بوبنا پاڻ به درياءَ ۾ ٽپو ڏيئي ٻڏي مري ويئي.

وزير جي دلداريءَ کان پوءِ راجا ڪجهه سرهو ٿيو ۽ ڪجهه ڪاڏائين پيتائين.

ٻئي ڏينهن وزير مگدر پنهنجا ماڻهو، ليلا جي ڳولا ۾ ننگر ڏانهن موڪليا، جن اچي خبر ڏني ته هوءَ ذات جي ريٻارڻ آهي. وزير، راجا کي انهيءَ حقيقت کان واقف ڪري چيو ته: هن جي مائٽن کان سنئون سڌو سڱ گهرڻ توهان جي شان وٽان نه آهي. منهنجي صلاح آهي ته آءٌ ٻهرين وچي هن جي مائٽن سان سچي خبر ڪري اچان ڳالهه ٺهرائيندس ته پوناراءِ جو هڪڙو وزير، ليلا سان شادي ٿو ڪري. پوءِ هتي وٺي اچي اوهان جي حوالي ڪندس. راجا کي سندس ڳالهه وڻي، سو کيس يڪدم ننگر شهر ڏانهن روانو ڪيائين.

مگدر منزلون هڻندو اچي ننگر شهر ۾ پهتو، ۽ مليل ڏس موجب شهر جي آيرندي ڇيڙي تي وڃي ريٻارڻ جو گهر ڳولي لڌائين. ليلا جي پيءُ سان مليو، حال احوال ڏئي وٺي جڏهن د نڪ ڪيائون، تڏهن اوچتو مگدر جي نظر وڃي ليلا تي پيئي. کيس ڏسڻ سان سندس هوش خطا ٿي ويا. هن به ڪيترين ئي سهڻيون ڏٺيون هيون، پر هتي ڳالهه ئي ٻي هئي. دل ۾ اچي بي ايماني جاڳيس، پر هاڻي ڳالهه هٿان ڇڏائجي ويئي هئي، جو هيءُ ليلا جي مائٽن کي سچي خبر ڏئي ويٺو هو، تنهنڪري خيال ڪيائين ته اهڙي ڪيڏ ڪجي جو راجا کان اڳ ۾ مون سان ميلو ٿئي. آخر وجهه وٺي ليلا سان پنهنجي دل جو حال اوريائين. هوءَ ويچاري ڀالي ڀولي هئي، سا هن جي ڳالهين ۾ اچي وئي ۽ ٻه ٽي ڏينهن ڏاڍا خوشيءَ ۽ قرب ۾ گذاريائون. تنهن کان پوءِ سهي سنيري تيار ٿي، پوناراءِ جي شهر ڏانهن روانا ٿيا ۽ منزلن تي منزلون ڪندا اچي اتي پهتا.

راجا کي جڏهن اها سڌ پئي ته مگدر ڪاميابي سان واپس موٽيو آهي تڏهن ڏاڍو خوش ٿيو. هن کي تمام گهڻا انعام اڪرام

جا اڌ رات جو ڪاٿي ضرور آھي، تنھنڪري موڪل ڏيو تہ گھر وڃي وقت تي دوا ڪائي سگھان، ۽ وري اچي توھان سان ملان. راجا وزير جو بھانو صحيح سمجھي ڪيس موڪل ڏني .

وزير جي وڃڻ کان پوء، راجا ويچاريو تہ ھاڻي خبر لھجي. بس، اھا مھل اھو پنڌ، لشڪر کي اتي ڇڏي، وزير جي ڪٽي پٺ ورتائين. وزير تہ اڌ رات جو وڃي محلات ۾ پھچي ليلا سان قرب وندڻ لڳو ھو، ڪيس راجا جي سونٽي اچڻ جو اصل خيال ئي ڪونہ ھو. سچ اچا ڪني مس ڪيي تہ راجا اچي محلات ۾ پير پاتو. قدرت خدا جي سان ان وقت ليلا جي خاص رازدار ٻانھي نڪتي، سامھون راجا کي ايندو ڏسي ڊڄي وئي، پر پوء يڪدم پاڻ سنڀالي ليلا کي اطلاع ڪرڻ خاطر بيت ڏنائين تہ:

پوناراء پلٽيو، آيو تنھنجي ديس،
مگدر! ليلا ڇڏ ڪٽي، متان ڪاٽڪا ڪٽيس.

(مگدر! پوناراء تنھنجي ملڪ ۾ سونٽي آيو آھي، تنھنڪري ھاڻي ليلا کي ڇڏ، متان مفت ۾ مارجي نہ وڃين.)

مگدر ۽ ليلا، جن ھڪڙي ڪوٺيءَ ۾ رھاڻ پئي ڪئي، سي ٻانھيءَ جي ڳاھ ٻڌي سمجھي ويا تہ راجا موٽي آيو آھي. سو ڊپ ۾ ليلا ڇا ڪيو جو مگدر کي ھڪڙي وڏي صندوق ۾ بند ڪري لڪائي ڇڏيو. ٻانھي اندر پھچي ڏسي تہ صندوق مان مگدر جي ڏڪڻ جو آواز پيو اچي، ويچار ڪيائين تہ جيڪڏھن راجا ٻڌي ورتو تہ پوء خير ڪونھي، سو مگدر کي دلاسو ڏيڻ لاءِ ڳاھ ڏنائين تہ:

توکي ليلا لپٽيو، تون ڪرھل! ڪنبين ڪوھ،
جيڪو ليلا سان لنءُ ڪري، تنھنجي دارون دوا نہ ڪوء.

(اي وزير! توکي ليلا لڪائي ڇڏيو آھي، پوء ڏڪين ڇو ٿو؟ توکي خبر ڪانھي تہ ھٿ وڍيءَ جو ورچ نہ طبيب! ليلا سان عشق ڪيو اٿئي تہ ھاڻي ڏڪڻ بند ڪر، نہ تہ راجا ٻنھي کي مارائي ڇڏيندو.)

ٻانھيءَ جي ڳاھ ٻڌي مگدر ڪجھہ ھوشيار ٿيو ۽ ڏڪڻ بند ڪيائين. ٿوريءَ دير کان پوء راجا بہ اچي محلات ۾ داخل ٿيو، پر ٻانھيءَ

جون چيل ڳاهون ٻڌيون هئائين، تنهنڪري شڪي حالت ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ لڳو. انهيءَ وچ ۾ مگدر جي زال کي خبر پئجي وئي تہ مگدر محلات ۾ لڪل آهي ۽ متان راجا اچي ويو آهي، سو پنهنجي مڙس جي بچاءُ لاءِ يڪدم محلات ۾ آئي ۽ محلات جي چوگرد چڪر هڻڻ لڳي. ٻانهيءَ ڪيس انهيءَ حالت ۾ ڦرندي ڏٺو سو اچي ڊپ ورايس تہ متان راجا ڏسي وٺيس ۽ ڦڪڙ ڦاٽي پئي، تنهنڪري ڪيس وزير جي سلامتيءَ جي خاطري ڏيڻ لاءِ ڳاهہ ڏنائين تہ:

وڃي ڀوري! آنند ڪر، تنهنجو ڀلو ڪندو ڀڳوان،
صبح ٿيندو، در کلندا، تو کي ملندو اچي مهمان.

(ڳهيلي! وڃي آرام ڪر، ڀڳوان ڪندو تہ سڀ خير ٿيندو، صبح جو جنهن مهل در کلندا، تو کي تنهنجو مهمان ملي ويندو.) راجا محلات ۾ گهڙڻ کان پوءِ هيءَ ٽي ڳاهہ ٻڌي هئي، سو هيڪاري پڪ ٿيس تہ مگدر محلات ۾ ئي آهي، تنهنڪري ڪاوڙ ۾ ڀرجي ٻانهيءَ کي اچي چوٽيءَ کان ورتائين ۽ چيائينس تہ: ڪر خبر، اهو تو ڇا ٿي چيو؟ ٻانهي تمام چالاڪ هئي، تنهن نہ ڀہ، جواب ڏاهي ٻڌايس تہ: سائين: اڄ شام جو آءٌ تلاءُ تي ويس تہ ڏٺم تہ هڪڙو ڀؤنر ڀَڻ جي گل تي ويٺو آهي، انهيءَ وقت سج پئي لٿو، مون خيال ڪيو تہ هاڻي جي ڀؤنر نہ اٿيو تہ گل ۾ پورجي ويندو. اهو ڏسي چيم تہ:

پوناراءِ پلٽيو، آيو تنهنجي ديس،
مگدر ليلا ڇڏ اٿي! متان ڪا ٽڪا ڪٽيس.

پوناراءِ جي معنيٰ سج آهي ۽ ڀؤنر کي مگدر چئبو آهي، اسين ڀڻ جي گل کي ليلا چوندا آهيون. سو مون اهو ڀؤنر کي ٿي چيو. راجا جواب ٻڌي چپ ٿي ويو ۽ ڪانئس ٻيءَ ڳاهہ جو مطلب پڇيو. تنهن تي ٻانهي ٻڌايو تہ: سائين! جڏهن سج لٿو تڏهن گل جو منهن بند ٿي ويو ۽ ڀؤنر اندر رهجي ويو، جو پاڻ ڇڏائڻ لاءِ اندر ئي اندر ڦٿڪڻ لڳو. سندس اها حالت ڏسي مون ڳاهہ ڏني تہ:

توکي ليلا ليٽبو، تون ڪرهل! ڪنبين ڪوهه؟
جيڪو ليلا سان لنءُ ڪري، تنهن جو دارون دوا نہ ڪوءِ.

راجا! انهيءَ ڳالهہ جو مطلب اهو آهي تہ اڙي ڀؤنر! تون ليلا يعني ٻن جي گل تي مست ٿي ويهي رهئين، آخر ليلا توکي پاڻ ۾ لڪائي ڇڏيو، جڏهن تو ليلا سان لنءُ لاتو آهي، تہ پوءِ ڏکين ڇوٿو؟ تنهن تي راجا چيس تہ: ڀلا آخرين ڳاهہ جو ڪهڙو مطلب آهي؟ ٻانهيءَ وري عرض ڪيو تہ: راجا! جڏهن ڀؤنر گل ۾ ٻورجي ويو، تڏهن ڏنم تہ سندس مادي ڀؤنري، اچي گل جي چوڌاري چڪر ڏين ۽ ڀؤن ڀؤن ڪرڻ لڳي، اهو ڏسي ڪيس چيم تہ:

وڃي ڀوري! آنند ڪر، تنهنجي ڀلي ڪندو ڀڳوان،
صبح ٿيندو، در کلندو، توکي ملندو اچي مهمان.

يعني تہ اي ڳهيلي! تون وڃي آرامي ٿي، صبح جو جڏهن گل کلندو تڏهن تنهنجو مهمان توکي اچي ملندو. راجا ٻانهيءَ جا جواب ٻڌي سندس دانائي ۽ سياڻپ ڪان ڏاڍو خوش ٿيو. ليلا ۽ مگڌر ڏانهن جيڪو شڪ هئس سو لهي ويس، پر برهمڻ ڇوڪري تي ڏاڍي ڪاوڙ لڳس تہ اجايو پنهنجي پياري دوست تي شڪ ڪيم. پوءِ ٻانهيءَ کي چيائين تہ: اي ٻانهي! جيڪو گهرنو اٿيئي سو گهر ٻانهيءَ هٿ ٻڌي عرض ڪيو تہ: سائين! مونکي ڏٿيءَ جي دعا سان، اوهان جو ڏنو اڳئي گهڻو آهي، باقي جيڪڏهن اها وڏي پيتي ڏيو تہ مهرباني ٿيندي. راجا چيس تہ: ڀلي کڻي وڃ. ٻانهي اها پيتي کڻائي گهر پهتي، ان سان وزير کي ڪڍي گهر روانو ڪيائين.

ٻئي ڏينهن صبح جو سوير راجا گهوڙي تي چڙهي، اچي اتي پهتو جتي برهمڻ ڇوڪر رهندو هو. ڇوڪري کي سڏي چيائين تہ: تو ڪوڙ ڳالهايو آهي تنهنڪري توکي ماريندس! اتي برهمڻ ڇوڪري جواب ڏنو تہ: راجا! وزير تہ چالاڪيءَ سان

نڪري ويو، پر توهين هينئر ئي وڃي راڻيءَ کي حڪم ڪريو ته هار سينگار ڪري، نولکو هار پائي توهان سان ملاقات ڪري پوءِ پاڻهي خبر پئجي ويندي ته ڪير ڪوڙو ۽ ڪير سچو آهي، چاڪاڻ ته وڃڻ وقت اهو هار تڙ تڪڙ ۾ وزير جي ڪيسي ۾ رهجي ويو آهي. راجا چيو ته: چڱو هي پيرو وري به آءٌ تنهنجي ڳالهه مڃان ٿو، جي ڪوڙ ثابت ٿيو ته پوءِ تنهنجو بچڻ مشڪل آهي.
انهين چئي راجا پوين پيرن تي واپس دربار ۾ آيو ۽ وزير کي اتي ويهاري، هڪڙي نوڪر جي هٿان راڻيءَ کي چوائي موڪليائين ته: هار سينگار ڪري، نولکو هار پائي ويهه ته آءٌ اچان ٿو.

راڻي ليلا کي جڏهن اهو حڪم پهتو، تڏهن اچي آنڌ مانڌ لڳس چو جو هار وٽس ڪونه هو، ۽ مگدر جي ڪوٽ جي ڪيسي ۾ رهجي ويو هو. راڻيءَ جي اها حالت ڏسي ٻانهي ڪانئس سبب پڇيو. جنهن تي هن سموري حقيقت ڪري ٻڌايس. ٻانهيءَ کيس چيو ته فڪر نه ڪر آءٌ پاڻهي ئي تي بندوبست ڪريان، ائين چئي ويس بدلائي فقير بنجي، ڪستو هٿ ۾ کڻي سڌي دربار ۾ آئي ۽ ايندي شرط صدا هنيائين ته:

پهرين سلام راجا جو، ٻيو وزيرن جي وار،
تيون سلام ڪچهريءَ جو، جيون جيوڙي دوار.

ٻانهي جيتوڻيڪ بدليل ويس ۾ هئي پر وزير هن کي سڃاڻي ويو، ۽ اهو به سمجهائين ته هار لاءِ آئي آهي، سو يڪدم چيائين ته:

پيو نه مون وٽ آهه حاضر، روڪڙ نه ڪو نوٽ،
اڄ فقير دعا ڪر، وٺي وڃ خير ۾ ڪوٽ.

ائين چئي ڪوٽ لاهي فقير کي ڏنائين، جنهن جي ڪيسي ۾ هار به پيل هو. ڪوٽ هٿ ڪري، ٻانهي موٽي ويئي ۽ هار وڃي راڻيءَ کي ڏنائين. راڻي ڏاڍي خوش ٿي ۽ هارسينگار ڪري، نولکو هار پائي ويهي رهي.

ڪجهہ وقت ڪان پوءِ راجا محلات ۾ آيو، ڏسي تہ راڻي هارسينگار ڪريو، نولکوهار پاتو ويٺي آهي! راجا اهو ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ سمورا شڪ گمان لاهي ڇڏيائين. ۽ ٻئي ڏينهن صبح جو برهمڻ ڇوڪري کي دربار ۾ گهرائي ماراڻي ڇڏيائين.



ائين چئي، جيڪي به لوٽا پاڻيءَ جا دوارڪا مان آندا هئائين، سي سندس سماڌيءَ تي هاري ڇڏيائين. وري پنهنجي ياءَ کي، جو گهوڙي تي چڙهيل هو، چيائين ته:

گهوڙي سوارا! جائو واٽ، اسين پاراپو گسان،
ديوي، ساري رات، تاري ڪانيي مٿي ڪيمرا!

(اي گهوڙي سوارا! هاڻي پنهنجي واٽ وٺي هليو وڃ، آءٌ جي آيس ته پاڻهي پيرين پيادي ايندي يس. آءٌ اڄوڪي سڄي رات هتي ئي پنهنجي پياري جي سماڌي وٽ گذاريندي يس.)

قافلي وارا سندس اها حالت ڏسي، کيس آتيئي روئندو ڇڏي هليا ويا.

لوڏڻ پوءِ آتيئي رهي پئي، نه ڪانئيندي هئي نه پيئندي هئي. آخر ٿوري وقت کان پوءِ اها به آتي ئي مري ويئي، ۽ آهيرن سندس سماڌي به ڪيمري جي پرسان ناهي ڇڏي.



اٿئي. ٻاچاڻس ٻڌي ڏاڍي ڦڪي ٿي، ۽ ڪانئس معافي ورتائين. پوءِ ٻيئي پاڻ ۾ خوش ٿي ملي جُلي هڪ ٿي ويا. اهڙيءَ **طرح شل** ڏٿي پاڪ ٻڪنهن وچڙيل کي پنهنجي وڳر سان ملائي!



# لاليءَ سدوري*

ڪنهن زماني ۾، ڪوٽ ڏيجيءَ ۾ ”عبدالله“ نالي هڪڙو غريب شخص پنهنجي ٻن پٽن ”متل“ ۽ ”سدوري“ سان گڏ رهندو هو. متل وڏو ۽ سدورو ننڍو هو. ٻئي ڀائر طاقت ۽ زور ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هئا، جهڙو تهڙو ماڻهو هنن سان هٿ ڳنڍڻ جو ست ساري ڪونه سگهندو هو.

هڪڙي ڀيري ڪنهن ڪچهريءَ ۾، هي ٻئي ڀائر ويٺا هئا، ڳالهين مٿان ڳالهيون ڪندي، هڪڙي ماڻهو ٻڌايو ته، ڪنهن شهر ۾ ”لالي“ نالي هڪڙي تمام حسين شهزادي رهي ٿي، جنهن جا ٽي شرط آهن، جيڪو به اهي شرط پورا ڪندو تنهن سان لاليءَ جي شادي ٿيندي. لاليءَ جي حسن جي هاڪ ٻڌي، هنن ٻنهي ڀائرن فيصلو ڪيو ته انهي لاليءَ کي ضرور ڏسنداسين. سو ماڻهن کان لاليءَ جي ماڳ مڪان جي خبر چار پڇڻ لڳا، سندن اها ڳالهه ٻڌي ماڻهو کلڻ لڳا، ۽ چوڻ لڳا ته: ڪٿي لالي، ڪٿي هي! جتي ڪئين بادشاهه ۽ شهزادا نٿا پهچي سگهن، اتي هنن جو ڪٿي ٿو زور هلي. سگهي پر هي ٻئي ڀائر ڳالهه تي پختا ٿي بيٺا، چي: ڇا به ٿي پوي، هڪ دفعو کيس ڏسنداسون ضرور.

آخر هڪڙي ڏينهن ٻئي ڀائر سهي سنبري، ڪجهه ٿمر سان ڪري اُٿي هنڌ پيا. هلندي هلندي کين ڪي ڏينهن گذري ويا. رستي تي کين لاليءَ جا ڪيترائي عاشق مليا، جي فقير بڻيا پئي

ٻڌو، ۽ پوءِ متل پاڻ ٻڪريءَ جي پرسان ۽ ڌدورو ڏاچيءَ جي پرسان ڏندا ڪٽي ٻيهي رهيا، ۽ زور سان هوڪريا ڪرڻ لڳا. ٿوريءَ دير ڪان پوءِ هڪڙي پاسي ڪان ڪيهر شينهن گجندو ٻيلي مان ظاهر ٿيو، ۽ ٻڪريءَ کي ڏسي ان ڏانهن وڌيو. تنهن تي متل هڪل ڪيس ته: ڪٿلا ٿئي ٻليءَ جا پٽ! متان ويو آهين. شينهن متل جي هڪل ٻڌي، ٻڪريءَ کي ڇڏي ان ڏانهن وريو، ته پنيان ڌدوري ڦيرو ڏيئي مغز ۾ اهڙو ته ڏنڊو هنيس جو ڦيراٽيون پائي وچي پٽ تي ڪريو. هنن ٻه ورائي ڪٽي ٻڌس، ۽ ٽنگوٽالي ڪري آڻي، لاليءَ جي محلات آڏو اڇلايائون. پوءِ پير تي ڏونڪو هڻي، پنهنجي اچڻ جي خبر ڏنائون. ٻانهي نڪري آئي، جا دروازي جي اڳيان ڪيهر شينهن کي پيل ڏسي، ۽ ٻنهي ڀائرن کي سلامت ڏسي، حيران ٿي وئي. هنن هڪل ڪري چيس ته: ٻانهي! هي شينهن ٻڌو پيو اٿئي، هاڻي پنهنجي سائڻ ڪان ٻيو شرط پڇي اچ ته وري ان جي ڳڻ ڪريون. ٻانهي ڌدن ٻهادري ڏسي ڏاڍي خوش ٿي، ڇوجو هن ڪان اڳ، جيڪي به ماڻهو ان شينهن کي جهلڻ لاءِ ويا هئا، تن مان هڪڙو به ڪونه موٽيو هو، سو يڪدم ڊوڙي وڃي لاليءَ کي ٻڌايائين. لاليءَ ٻانهيءَ کي چيو ته: ڪين اچوڪو ڏينهن پنهنجي مهمانخاني ۾ ترساءِ، ٻيو شرط سڀاڻي ٻڌائبو. ٻانهيءَ ٻاهر نڪري ڪين اهو ٻڌايو، پر هنن چيو ته: ٻانهي! پنهنجي سائڻ کي وڃي چئو ته سڀاڻي جو ڇوڻ آهي ته اڄ جو ڪم سڀاڻي تي نه وجهجي، تنهنڪري جلدي ٻيو شرط ٻڌاءِ، جو اسان کي وري پوئتي ورڻو آهي. ٻانهيءَ سڄي ڳالهه وڃي لاليءَ کي ٻڌائي، جنهن چيو ته: جيڪڏهن ائين مڃين، ته پوءِ ٻيو شرط هي آهي ته اتر طرف واري ٻيلي ۾ هڪڙو سانُ رهي ٿو جنهن اڄ تائين سوين شينهن ماريا آهن، ان کي جيئرو جهلي اچو، جو منهنجي ڪاج ۾ ڪم ايندو.

اهو شرط ٻڌي ٻئي ڀائر سهي ڄنبري، وري انهيءَ ٻيلي ڏانهن روانا ٿيا. اتي وڃي ڏسن ته برابر هڪڙو متارو سانُ ويٺو

ڏنيون. آخرڪار منزلون ڪندا اچي ڳوٺ پهتا، جتي پنهنجن مائٽن سان گڏجي آرام ۽ امن سان رهڻ لڳا. جهڙو ميلو انهن جو ٿيو تهڙو شل جڳ جهان جو ٿئي- آمين!



اٿم، ان لاءِ توهان جي دعا گهرجي. تنهن تي ساڌوءَ چيس ته:

جي تون مڇيون نه مارين، ميلو رکين نه من،
ٻـيءَ ٿئين پـٽن جـو، اڱـڻ جهجهو آن“.

(اي شخص! جي تون مڇيون نه مارين ۽ دل ڪي ميرو نه رکين ته تون پٽن جو پيءُ ٿيندين، ۽ تنهنجي گهر ۾ گهڻي برڪت پوندي.)
مهاڻي ان ڏينهن کان پوءِ مڇين مارڻ کان توبهه ڪئي ۽ ساڌن جو چوڻ به پورو ٿيو. مالڪ جي مهر سان ڪيس نائين مهيني هڪڙو چنڊ جهڙو پٽ ڄائو. بس پوءِ ته سڄي ملڪ ۾ ساڌن جي درويشيءَ جو هُل هَلي ويو. نيٺ هڪڙي ڏينهن ڄام پونڌري کي به اها خبر پئجي وئي. هو به هر هنڌان نااميد ٿي چڪو هو، تنهن جو اها خبر ٻڌي، سو هڪ دفعو وري به اميد ٿيس. ڇا ڪيائين جو پنهنجي پٽ راڻي ”راڄڌيڻ“ کي مهاڻي سنيرائي، ساڌن جي آستان تي وٺي آيو. ساڌو ته پنهنجيءَ عبادت ۾ مشغول هئا، پر راڻيءَ انهيءَ ڳالهه جو خيال ئي ڪونه ڪيو، ۽ وڏي آواز سان چيائين ته:

راڻـيءَ رڙ جـوڙيـو، آئـي درويشن وٽ،
’وياءَ وڏايون مون ڏيو، ته مالڪ ڏيانوَ مٽ‘.

(راڻيءَ چيو: آءٌ رڙ تي چڙهي درويشن وٽ آئي آهيان. اي ساڌو! توهين جيڪڏهن مونکي اولاد ڏياريو، ته ان جي عوض آءٌ توهان کي هيرن جواهرن جا مٽ ڏيندس).
فقيرن کي ڀلا هيرن جواهرن جي ڪهڙي پرواهه! ويتر راڻيءَ جو هنن جي عبادت ۾ خلل وڌو هو، سو رکو جواب ڏنائونس ته:

اسين نه اهڙا اولياءَ، جي ڏيون ٻين کي ٻار،
هيءَ نياءُ ات ٿئي، جت صاحب جي دربار.

(اي ماڻي! اسين اهڙا درويش ڪونه آهيون جو ٻين کي اولاد ڏيندا وتون. اهو ته سڀڪجهه مالڪ جي هٿ وس آهي.)
ساڌن جو اهو جواب ٻڌي راڻيءَ کي ڏاڍو ڏک ٿيو، پروري به ڪين ستائڻ لڳي ته: اي ساڌو! توهان هڪڙي مهاڻي کي پٽ ڏنو آهي

نشانُ چٽي، اهڙو تہ تير هنيس جو چار پونئرو اتيئي ڦٿڪي مري ويو.

ڪَڪَڙ ڪاني هڻين، ڪانيءَ ڪيو نڪاءُ،
پُونئرو ويندي پاٽ، تيڻن چڇر پٽي مٿان.

(ڪَڪَڙ، چار پونئري کي اهڙو تہ تير هنيو، جو هو اتيئي مري ويو.)

اهڙيءَ طرح هن، ساڻن کي چار پونئري جي مصيبتن مان آزاد ڪرايو. جنهن ٽڪريءَ تان ڪڪڙ جڪ تير هنيو هو، ان کي اڄ ڏينهن تائين بہ 'ڪَڪَڙ پٽ' چوندا آهن.



# حمير سومرو *

هيءَ ان وقت جي ڳالهه آهي، جڏهن حمير سومرو سنڌ جو بادشاهه هو. ان وقت ”چام ڀونڙرو“ لوڙهيون هڻندو هو. آسپاس جي علائقن مان چوپايو مال هٿي پنهنجي ملڪ ۾ موٽي ايندو هو. وڏو ظالم هو، جنهنڪري آسپاس جا راجا هن کان ڏڪندا هئا. ڪنهن کي به هن سان هٿ اٽڪائڻ جي همت نه هوندي هئي، پر ڀونڙرو سڀني راجائن کي پيو ستائيندو هو.

انهيءَ زماني ۾ ڪاٺياواڙ جي ڍنگ تي ”وير گوجر“ نالي هڪڙو تمام عادل ۽ سخي راجا راڄ ڪندو هو. هڪڙي ڀيري ڀونڙري ان جي مال هٿڻ لاءِ پنهنجا ماڻهو موڪليا:

ڀونڙري ڪيا ڀريان، ٻرڙي تي ٻرَ ٻيا،
تنين وچي واريون، لوڏون لَڪ مٿان.

(ڀونڙري، وير گوجر جي ملڪ ۾ ٻرڙا پهاڙ ڏانهن لشڪر آماڻيو جنهن وچي لڪن مان مال هنيو).

وير گوجر کي جڏهن انهيءَ ڳالهه جي خبر پئي، تڏهن يڪدم ٻر ڀامي وارن راجائن ۽ سردارن کي گڏ ڪيائين، جي پڻ ڀونڙري جا دشمن هئا، ڀوءِ هڪڙو وڏو لشڪر ناهي، ڪڇ ملڪ تي ڪاهي آيو:

چانئوت ڪري چڙهيو، گجر گڏو مليا،
ٻ واڙا ڀونڙري ڀيلئين، گهٽا وڃ ڪيٺا.

---

* هن ڳالهه جي روايت ٿرپارڪر (تعلقي ننگرپارڪر) مان منگهارام اوجها کان ملي.

ڪئي ۽ ڪيس ڇني ۾ آندائون، جتي شاديءَ جي رسم پوري ٿي.

ان ڏينهن کان وٺي ڪڇ ۾ سندس نالو قائم رکڻ لاءِ زمين جا دستاويز لکڻ وقت ”اگهاٽ حمير وارا“ لکڻ جو رواج پيو.



(آهير کي اوتارو ٿيو آهي، شايد فقير آيو اٿس، تنهنڪري مٿان
رلي وجهي ڇڏيوس.)
ويچاري پير مرد جي ڪنهن به دانهن ڪانه ٻڌي. هوڏانهن آهو
لنگهيءَ جي ڏس تي، واڳٽهه جو ڊورو آڪري، سندن سمورو سال
هٽي پنهنجي ملڪ موٽي ويو.



# ڪپريو ڪاھوڙي ۽ راڻي ڪاڍاري*

ڪنھن زماني ۾، 'جهرڪن' ۾ 'ماجيراءَ' نالي ھڪڙو سردار رھندو ھو. وٽس ٻي تہ ڪنھن ڳالھہ جي ڪمي ڪانہ ھئي، پر اولاد ڪونہ ھئس. ڪئين پير فقير، ساڌو سنت پڇاياڻين پر سندس مراد پوري ڪانہ ٿي. ھڪڙي ڏينھن ڪيس ڏس مليو تہ اولھہ طرف واريَن ٽڪرين ۾ ھڪڙي چُر آھي، جنھن ۾ ھڪڙو فقير رھي ٿو، تنھن وٽ وڃ. شايد تنھنجي من جي مراد پوري ٿئي. ويچارو نااميد تہ ٿي چڪو ھو، پر وري بہ اميد ڪري، ڏس مليل ٽڪرين ڏانھن روانو ٿيو. ٿوري پنڌ ڪان پوءِ، اچي انھيءَ غار وٽ پھتو. اندر گھڙي ڏسي تہ برابر ھڪڙو پيرسن فقير ڪنڌ ھيٺ ڪيو مراقبي ۾ ويٺو آھي، جنھن جا پيرون بہ اچا ٿي ويا ھئا. ھيءُ بہ سلام ورائي ھڪڙي ڪنڊ وٺي ويھي رھيو. ڪجھہ وقت گذرڻ کان پوءِ فقير ڪنڌ مٿي کنيو ۽ کيس ڏسي چياڻين تہ: ماجيراءَ، توکي ھڪڙي ڌيءَ ڄمندي. ائين چئي فقير وري ڪنڌ ھيٺ ڪيو، ۽ ماجيراءَ سلام ورائي پوئين پيرين موٽي آيو.

فقير جو چوڻ سچو ٿيو، سندس زال کي اميد واري ٿي، ۽ نائين مھيني ھڪڙي سدا ملوڪ ڌيءَ ڄايس، جنھن جو نالو "ڪاڍاري" رکيائين. جنھن جي معنيٰ آھي "غار مان ڪيڙل." ڪاڍاريءَ جي ڄمڻ تي چوطرف خوشيون ٿي ويون. ماجيراءَ جي خيرات مان غريب غربو ڍاپجي ويو.

---

* ھيءَ ڳالھہ لاڙ (تعلقي ٺٽي) مان عبدالله گندري کان ملي.

ڇٺيءَ جي رات، دستور موجب ڪيترائي پنڊت ۽ نجومي گهرايا ويا، جي پوٿيون ۽ ٽپڻا کولي، ڪاڏاريءَ جو ڀاڳ ڏسي مان ڪري ويهي رهيا، ۽ ماجيراءَ کي ڪجهه به نه ٻڌايائون. تنهن تي هن سمجهيو ته ڳالهه ۾ مڙئي ڪو رولو آهي، سو نجومين کي چيائين ته: نياڻيءَ جي ڀاڳ ۾ جيڪي لکيل هجي اهو ٻڌايو. آخر هڪڙي نجوميءَ ڏڪندي ڏڪندي هٿ ٻڌي عرض ڪيو ته: سردار! جيئدان ملي ته ڪجهه ٻڌايان. ماجيراءَ چيس ته: توکي جيڪي چوڻو آهي، سو جلدي چئو. جنهن تي نجوميءَ ٻڌايس ته: اي سردار، ڪاڏاري تمام سلڇڻي ۽ ڀاڳ واري آهي، سدائين سکي رهندي، پر سندس لکيو توسان آهي. اهو ٻڌي ماجيراءَ جي منهن جو رنگ لهي ويو، ڏاڍو ڏک ٿيس، پر ڌيءَ جي رضا جي آڏو انسان جو ڪهڙو وس آهي. سو چيائين ته: چڱو جڏهن اهو وقت ايندو تڏهن ڏٺو ويندو.

ڪاڏاري ڏاڍي لاڏ ڪوڏ سان پلجڻ لڳي، اڄ ننڍي سڀان وڏي، اچي جوان ٿي. سندس سونهن جي هاڪ مُلڪان ملڪ مشهور ٿي ويئي. ڪيئي راجا ۽ شهزادا سندس سڱ وٺڻ لاءِ اچڻ لڳا، پر ماجيراءَ سڀني کي ٽاريندو آيو.

انهن ڏينهن ۾ جهرڪن جي پربان هڪڙو پهتل فقير رهندو هو. جنهن کي ”ڪپڙيو ڪاهوڙي“ ڪري سڏيندا هئا. هن وٽ هڪڙو ڪرامتي ’ڪنو‘ هو، جنهن جي وسيلي هو جتي به چاهيندو هو اتي وڃي پهچندو هو. ڪني ۾ اها به حڪمت رکيل هئي جو ’جيڪڏهن عورت ذات انهي کي هٿ لائيندي ته سندس ڪرامت ختم ٿي ويندي.‘ جڏهن انهي فقير ڪاڏاري جي حسن جي هاڪ ٻڌي ۽ اهو به پتو پيو ته سندس لکيو، پنڊتن جي چوڻ موجب پيءُ سان ٿيندو، تڏهن ڀڪو ڀهه ڪيائين ته، ڪنهن حيلي ڪاڏاري کي محلات مان ڪڍي اچجي ۽ کيس انهي گناهه کان بچائجي. سو ڀهرين واءُ سواءُ وٺي اچڻ جي خيال کان

دفن ڪرائي ڇڏيو. ٿورن گهڻن ڏينهن ڪان پوء ڏسن ته اهي قبرون گڏجي هڪ ٿي ويون. اڄ ڏينهن تائين هنن جي اها قبر موجود آهي.



# ڀُراڻ درياءَ جو سوداگر*

سومرن جي حڪومت جي آخري دور ۾، سنڌ جي لاڙ واري حصي مان سنڌو درياءَ وهندو هو، جنهن کي "ڀراڻ" ڪري چوندا هئا، جنهنڪري لاڙ تمام سائو ۽ سڀاڀو حصو ليکيو ويندو هو. ڀراڻ جي ٻنهي ڪنڌين تي وڏا ۽ عاليشان بندر هئا، جن تي پري پري جا غوراب ۽ ٻيڙا اچي لنگر هڻندا هئا. انهن بندرن ۾ "علي بندر" سڀني کان مشهور هو.

هڪڙي ڀيري هڪڙو ڪشميري سوداگر، جنهن جو واپار ڪشمير کان ڪڇ تائين هلندو هو، مال اسباب جا غوراب ڀرائي پنهنجي زال ۽ ٻئي وڏي ساٿ سميت واپار ڪرڻ لاءِ سفر جو سانباهو ڪيو. رواني ٿيڻ کان اڳ سوداگر پنهنجي سموري ساٿ کان انجام ورتو ته، جيڪڏهن ڪنهن به ماڻهو منهنجي حڪم جي عدولي ڪئي، ته ان کي اتي جو اتي ساٿ کان جدا ڪيو ويندو. اهو شرط سڀني قبول ڪيو. نيٺ هڪڙي ڏينهن ٻاويهه ٻيڙا سامان سان ڀري ڪٺي الله توهار ڪيائين. واٽ تي واپار ڪندو، منزلون هڻندو، ڪيترن مهينن کان پوءِ اچي "علي بندر" تي لنگرانداز ٿيو. سوداگر وٽ مال جهجهو هو، سو ڪجهه ڏينهن آتيئي ترسي واپار ڪرڻ لڳو. ڪجهه وڪيائين، ڪجهه خريد ڪيائين، جنهن مان ڪيس گهڻوئي فائدو ٿيو.

هڪڙي ڏينهن شام جو، سوداگر ۽ سندس زال سير ڪرڻ

---

* هن ڳالهه جون ٻه روايتون مليون، هڪ وچولي (تعلقي ننڊي الهيار) مان الله بچائي جروار کان، ۽ ٻي لاڙ (تعلقي ننڊي باگي) مان محمد طالب لوهار کان ملي.

بادشاهه هنن کي بهادرن جو وڏو لشڪر ڏئي روانو ڪيو. هي
ٻئي زال مڙس لشڪر وٺي، اوچتو وڃي دشمن تي ڪڙڪيا ۽
سخت لڙائيءَ کان پوءِ دشمن جي لشڪر کي ماري ڀڄائي ڪڍيائون.

جڏهن بادشاهه کي خبر پهتي ته شيخ معروف دشمن کي
ڀڄائي ڪڍيو آهي، تڏهن ڏاڍو خوش ٿيو ۽ شيخ کي انعام اڪرام
ڏيڻ لاءِ پنهنجي دربار ۾ گهرايائين. شيخ دربار ۾ حاضر ٿيڻ لاءِ
تيار ٿيو، ته زال کيس سمجهايو ته: بادشاهه ڪجهه به انعام ڏيئي
ته نه وٺجانءِ ۽ ان جي عيوض عرض ڪج ته مونکي علي بندر
تي ايندڙ غورابن کان ڏن اڳاڙڻ جي اجازت ملي. زال جي اها
ڳالهه خيال ۾ رکي دربار ڏانهن روانو ٿيو.

دربار اڳ ۾ ئي وزيرن ۽ اميرن سان ڀري پئي هئي.
شيخ معروف جي پهچڻ تي سڀني درٻارين اٿي هن جي آجيان ڪئي
۽ کيس هڪڙي عاليشان جاءِ تي ويهاريو. اتي بادشاهه شيخ جي
بهادري جي تعريف ڪئي ۽ چيائين ته: تنهنجي بهادريءَ جو ته
ڪو عوض آهي ئي ڪونه، پر جيڪي منهنجي وس ۾ آهي ان مان
جيڪي گهرندين سو ملندءِ. شيخ ادب سان هٿ ٻڌي عرض ڪيو
ته: بادشاهه سلامت! مونکي ڌڻيءَ جو ڏنو ۽ اوهان جو ڏنو
سڀوڪجهه آهي، جيڪڏهن سائينجن جي اها مرضي آهي ته پوءِ
مونکي علي بندر مان لنگهندڙ واپاري غورابن کان محصول
اڳاڙڻ جي اجازت ملي. انهيءَ تي بادشاهه پنهنجي اميرن ڏانهن
منهن ڪري حڪم ڪيو ته: جيئن شيخ معروف چئي ٿو تيئن
ڪيو وڃي. حڪم ملڻ جي دير هئي، گهڙيءَ کن ۾ هڪڙي
سوني پٽڙيءَ تي علي بندر جي آمدنيءَ جو پروانو لکجي هن کي مليو.

انهيءَ ڏينهن کان وٺي علي بندر جو مالڪ شيخ معروف
هو. هن بندر جي ويجهو هڪ عاليشان جاءِ ٺهرائي، ان ۾ پاڻ
پنهنجي زال سميت ڏاڍو خوش گذارڻ لڳو. هو روز شام جو
بندر تي آيل غورابن جي فهرست ناهي، پنهنجيءَ زال جي اڳيان
آڻي رکندو هو ۽ صبح جو انهن ٻيڙن جي مالڪن کان محصول

جتي چندي ڀيو ڏٺي، جنهن ڀڪرين سان ڳڏ ڳوڏا ڪوڙي پاڻي پيتو هو! اتي سوداگر جون اکيون کليون ۽ پنهنجي ڪيل غلط فيصلي تي ڏاڍو شرمندو ٿيو. ڀر وري ٻه پنهنجي هٿ ڪي قائم رکڻ لاءِ جواب ڏنائين ته: تو برابر پنهنجو قول پاڙيو، پر هاڻي علي بندر جو محصول ٻه تو جيڪي ورتو سو ورتو، هاڻي انهيءَ لاءِ تون ٻه سڪندين. ائين چئي سوداگر ٻيڙا ڇوڙائي روانو ٿي ويو.

جون ٿا ته انهيءَ واقعي کان پوءِ سوداگر پنهنجي خرچ سان پراڻ درياءَ جو منهن بند ڪرائي ڇڏيو، جنهنڪري درياءَ علي بندر کي ڇڏي ٻئي هنڌان وهڻ لڳو. آهستي آهستي اهو شهر ڦٽي برباد ٿي ويو.



جهنگ ۾ رهي جهنگلي ٿي ويو. چون ٿا ته اڄ به انهيءَ مهر نديءَ جي پيٽ ۾ جهنگلي ڳئون، مينهون ۽ ڪُڪڙ وغيره نظر اچن ٿا، جي ماڻهو کي ڏسيو پڄهو وڃن.

مالدار ۽ ٻاڳيا ماڻهو، اڄ به ڪتر ڳئون يا مينهن کي ساري سنگهار جو قسم ڏيندا آهن. ٻن حالتن ۾ به مال کي ساري سنگهار جو قسم ڏيندا آهن. ڌنارن جو يقين هوندو آهي ته چوپائي مال کي ساري سنگهار جو قسم وجهبو ته مستي ڇڏي ڏيندو.

ساري سنگهار جو 'نهيرو' مشهور آهي جو هيرل واهه جي ٽيرهين ميل کان الهندي طرف، مير محمّد هاليپوٽي جي ڳوٺ ۽ شهلي ڏهري ڳوٺ جي ٻرسان، ڏاڏي آدم جي ٻنيءَ ۾ ڪٽل آهي. حقيقت ۾ اهو هڪ ڏکهو تاريخي پٿر آهي، پر تر جا ماڻهو ان کي ساري سنگهار جو نهيرو سڏين.



# ڪارائڙيو سمون*

"ڪارائڙيو" سمون ڀينگهر ڇام جو پٽ هو ۽ ڪڇ ۾ ڳرڙيي ابڙاسيءَ جو رهاڪو هو. هو هڪ وڏو سورهيه شخص هو. گهڻو ڪري راجائن ۽ سردارن جي محلاتن مان موتين جي چوري ڪندو هو، ۽ محلات جي رائين ۽ ٻاين کي اوڍائيون ڦهرائي موتي ۽ زيور ڪٽي ويندو هو. چوريءَ تي هميشه اڪيلي سر ويندو هو ۽ ڪوبه سنگتي ساٿي ساڻ نه کڻندو هو. آسپاس جي علائقن ۾ سندس چوريءَ جو ڌاڪو ويٺل هو. اڪثر سيٺي سردار ڪانئس ڪن هڻندا هئا.

هڪڙي ڀيري ڪارائڙيو سمون پڇم واري ڪاري جبل ڏانهن ڪاهي ويو، جنهن جي اتر واري پيٽ ۾ 'نيئر واري واءِ' مشهور آهي، جا "ساري سنگهار" جي واءِ سڏجي ٿي. سارو سنگهار به انهن ڏينهن اتي ڏاهو ڪيو ويٺو هو. هن کي "مچاچڱل" ۽ "ڪپورئين" ٻه ڌيئون هيون، جي تمام سهڻيون هيون. ڪپورئين ننڍي هئي، جا وڏي پهلوان به هئي. اڪيلي سر واءِ مان کوس ڇڪي ويندي هئي، جو هوند سانهه به مشڪل سان ڇڪي. ڪارائڙيو به گهمندي ڦرندي اچي واءِ تي پهتو. اڌهيءَ مهل ڪپورئين، واءِ مان ڀريل کوس ڇڪي ٻاهر ڪڍيو. ڪارائڙيو هڪڙي خوبصورت نازنين جي سگهه ۽ سونهن ڏسي مٿس عاشق ٿي پيو. پوءِ ڪپورئين کان خبرچار وٺي، اچي ساري سنگهار جو مهمان ٿيو. ڪارائڙيو ملڪان ملڪ مشهور هو، سو ڪپورئين به مٿس عاشق ٿي پيئي. آخرڪار ساري سنگهار کان ڪپورين

---

* هن ڳالهه جي روايت خليفي صابر درس ويٺل "ابن جو تڙ" (تعلقي مٺي) کان ملي.

اڳئي گڏ ٿيا رکيا هئا، جنهن پاسي ڪان هوا پئي لڳي، انهيءَ پاسي چيٽن جو ڍڳ ڪري وٽي باهه ڏنائون. گهڙيءَ ڪن ۾ سڄو محلات دونهين سان ڀرجي ويو. ڪارائڙيءَ جو ساهه اچي منجهڻ لڳو، ۽ دونهين ۾ ڏسجڻ ۾ ڪجهه به نٿي آيس. دونهين ۽ ماڻهن جي هلڻ مان سمجهي ورتائين ته ڀڙيدارن ڏسي ورتو آهي، تنهنڪري پڇڻ جي واهه گهوليائين. محلات جي دروازي تي لشڪر اچي گڏ ٿيو هو، تنهنڪري محلات جي هڪڙي دريءَ مان ڪڏي ٽپ ڏنائين. ڪارائڙيو هيٺ ڪاهي ۾ ڪتل ڀالن تي اچي ڪريو، ۽ اتيئي ساهه ڏنائين. سندس مرڻ تي ڪنهن شاعر چيو ته:

'ڪارائڙيءَ' نينڪ ڏنو، متان گيلڙي،
'ڪامل' ڪير پڙيا، رهيو آت آڙي،
آءُ وينجهارل وري، اسان اچڻ ايترو.

ڪارائڙيءَ سمي جو اولاد "ماريي وارا مياڻا" جي نالي سان سڏجن ٿا، جي ڪڇ جي رياست جي حد ڪان ٻاهر 'ماريءَ' ۾ رهن ٿا، جتي ڪڇ جي ڪونئر جي حڪمراني آهي.



ڪل تمام نرم لڳي، سو دل ۾ خيال ڪيائين ته ڇونه راڻيءَ لاءِ ڪٺي سهڻي جي ڪلن جو بسترو نهرايان، سو ڪجهه جيترا سها ڦاسارائي، اڳتي شڪار تي وڃڻ جو خيال لاهي، پنهنجي ملڪ موٽي آيو.

راجائي حڪم تي ويو، هڪڙيئي ڏينهن ۾ سهڻ جو ڪلون لٿيون، جن مان بسترو نهي تيار ٿيو ۽ راڻيءَ کي سو ڪڙي تي مليو، پر راڻيءَ اهو هند ڏسي ڪنئري کي چيو ته: راجا! آءٌ هن بستري تي نه سمهنديس. راجا حيران ٿي ويو ۽ راڻيءَ کان ان جو سبب پڇيائين. راڻيءَ ٻڌايس ته: راجا! هتان ڪان مهيني پنڌ تي منهنجي ساهيڙي ”آپل“ رهندي آهي. هڪڙي پيري اتفاق سان آن جي بدن تي سهي جو وار لڳي ويو. ڪيس اهڙو زخم ٿيو، جو ڪيترا ڏينهن پئي علاج هليو، تڏهن مس مس وڃي زخم ڇٽو. سو مونکي هن بستري تي سمهڻ ڪان ڊپ ٿو ٿئي. راجا عجب ۾ پئجي ويو ۽ ويچارڻ لڳو ته، مار! اهڙو نازڪ بدن، جنهن کي سهي جي وار لڳڻ سان زخم ٿي پوي! اهڙي حور پري ته ضرور ڏسڻ گهرجي. مطلب ته راجا ڪنئرو بنان ڏني آپل تي عاشق ٿي پيو. سو نه هئس رات جي ننڊ، نه ڏينهن جو آرام؛ سڄو وقت دل ئي دل ۾ آپل جا خيال پيو پچائيندو هو. آخر ڪجهه ڏينهن رکي آپل کي ڏسڻ جو پڪو پهه ڪري، راڻيءَ وٽ آيو ۽ هن کان شڪار جي بهاني سان موڪل وٺي گهوڙن جي ڪُڙهه ۾ آيو ۽ خيال ڪرڻ لڳو ته ڪهڙي گهوڙي تي چڙهي وڃان. هرهڪ گهوڙي کي ڏسندو ڏسندو اچي هڪڙي نيري رنگ جي ساوندي گهوڙي وٽ بيٺو ۽ گهوڙي کي چيائين ته:

نيلا! تُنهِ ڊِيلو ڦِرين، پَڪا پهن تي ڏور،
آپل سندي ڪامٺي، تمنا ميل ضرور،
او يبا! مَنا ميل ضرور!

(اي نيرا! تون آهستي نه هلجئين، ڇو جو پنڌ تمام پري آهي ۽ مونکي سهٽي آپل سان ملڻو آهي، تنهنڪري جيترو جلد ٿي سگهي مونکي اتي رساءِ!)

ڪوهه اهو ٻڌي ڊڄي ويو، خيال ڪيائين ته جي سچي ڳالهه ٻڌائيندس ۽ آيل کي خبر پئجي ويئي ته منهنجي سِر سِر ڪري پٽرائي ڇڏيندي. تنهنڪري ماڳهين جواب ڏنائين ته:

هُون ڪي سباجهيو، سباجهوته چمن، سباجهي جنهن تي بات،
آيــل گــهــڙا پــِرنــدي، ڏي اگــهــا ڳــات.

(آءٌ ڪهڙو سباجهو آهيان، سباجهو ته باغيچو آهي، جنهن ۾ سهڻي واٽ ٺهيل آهي. آيل گهڙا ٻيڙڻ لاءِ انهيءَ تان هلندي آهي، تنهنڪري ان کان وڃي پڇ.)

ڪنڌري، ڪوهه جو اهو جواب ٻڌي دل ۾ چيو ته، هتان ته خبر ڪانه پئي. هاڻي ڀلا باغ کان پڇان ته من اهو ڪا خبر ٻڌائي. سو سڌو باغ وٽ آيو ۽ چيائين:

چمن! تون سباجهيو، سباجهي توتي بات،
آيــل گـهـڙا پـِرنـدي، ڏي اگها ڳات.

(اي باغ! تون سباجهو ۽ سباجهي تنهنجي واٽڙي، جنهن تان آيل گهڙو کڻي ناز سان هلندي آهي. تنهنڪري هاڻي مونکي سندس ڏس ڏي.)

چمن کي اچي پنهنجي خوف ورايو ته جيڪڏهن آيل کي خبر پئي ته مونکي اجاڙ ڪرائي ڇڏيندي، تنهنڪري چيو ته آءٌ ته نٿائي ڇڏيان. اهو خيال ڪري ڪنڌري کي ٻڌايائين ته:

پنڌيي! هُون ڪي سباجهيو، سباجهيو ته گهـڙو،
هٿ چمي، لهريون ڏي، سر تي جنهن ري بات.

(يار! آءٌ وري ڪهڙو چڱو آهيان، چڱو ته گهڙو آهي، جيڪو سندس هٿ ۾ لوڏا کائي ۽ سندس هٿن کي چمي.)

آخر اتان به نااميد ٿي، راجا گهوڙو هڪلي سڌو شهر ۾ آيو. هڪ هڪ گهٽيءَ جو چڪر هڻڻ لڳو ته من ڪٿان ڪو آيل جو پتو پئي. نيٺ هلندي هلندي هڪ گهٽيءَ ۾ هن کي عاليشان محلات ڏسڻ ۾ آيو. ڪنڌرو اُتي بيهي رهيو ۽ دل ۾ چوڻ لڳو ته، ههڙو سهڻو محلات ضرور ڪنهن وڏي ماڻهو جو هوندو، يا ٿي

آيل ويچاريءَ جو تہ سمهڻ ئي وهہ ٿي ويو. ڏينهن رات ڪنڌري جي تات لڳي پئي هئس. هوءَ هروقت محلات جي دريءَ مان ويٺي ڪنڌري جي واٽ نهاريندي هئي، پر هو نہ اچڻو هو سو نہ آيو. نيٺ هڪڙي ڏينهن دل ۾ خيال ڪيائين تہ ڪنڌرو تہ بيوفا ٿي ويو، پر آءٌ تہ بيوفا ڪانہ ٿينديس، هاڻي مونکي پاڻ ڪنڌري جي پنيان وڃڻ گهرجي. اهو خيال ڪيائين تہ سهي، پر وري پيءُ جي ڊپ ۽ ماڻهن جي خواريءَ کان لاچار ٿي ماٺ ڪري ويهي رهي.

اهي پور پچائيندي آيل وڃي کٽ داخل ٿي. گهڻئي ويڄ طبيب آيا پر ڪابہ سُٽي ڦڪي هن تي اثر نہ پيئي ڪري. سندس هڪ جيڏين، سهيلين ڪيترو ئي کانئس پڇيو تہ: ڪهڙي بيماري اٿئي جنهن کان ڳرندي نجهرندي وڃين؟ پر هيءَ پنهنجي اندر جو حال ڪنهن سان ئي ڪانہ پئي اوري، چي: مونکي تہ ڪجهہ بہ ڪونہ ٿيو آهي. نيٺ سندس حالت ڏينهون ڏينهن خراب ڏسي 'جوري' نالي سندس هڪڙي دل گهُري سَرتي، جا تمام چالاڪ ۽ هوشيار هئي، تنهن آيل کان سر جو قسم ڏئي سچي حقيقت پڇي؛ جنهن تي هن سچي ڳالهہ ڪري ٻڌايس. جوري، ڳالهہ ٻڌي پهرين تہ ٺپيءَ ۾ پئجي ويئي، پر آخر ڪجهہ دير کان پوءِ هڪڙي اٽڪل سجهي آيس، سو آيل کي چيائين تہ: پيءُ کي وڃي چئو تہ فلاڻي شهر ۾ هڪڙو پهتل بزرگ آهي، جنهن ڪيترن مريضن کي مرض کان ڇڏايو آهي، مونکي بہ موڪل ڏيو تہ وڃي ان کان علاج ڪرايان. آيل کي بہ جوري جي اها صلاح وڻي. سو رات جو پيءَ کان مسافريءَ جي موڪل گهريائين. پهرين تہ بادشاهہ انڪار ڪيو، پر جڏهن ڏٺائين تہ هوءَ ضد تان ٽَري لهي، تڏهن لاچار موڪل ڏنائينس. بس پوءِ تہ يڪدم سفر جون تياريون شروع ٿي ويون ۽ ٻئي ڏينهن هڪڙو قافلو تيار ڪرائي، آيل پنهنجي سهيلي سميت، ڪنڌري جي ڳولا ۾ نڪتي. جنهن وقت قافلو روانو ٿيو،

جبرو غنيم چڙهي آيو آهي، جنهن تنهنجو باغ ناس ڪري ڇڏيو آهي ۽ مونکي به ڏاڍي مار ڪئي اٿن. ڪنئري جو اها خبر ٻڌي، سو ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي ويو ۽ چيائين ته: اڇهو ٿو سندس بندوبست ڪريان. ائين چئي پنهنجن ماڻهن کي تيار ٿيڻ جو حڪم ڏئي پاڻ زره پائي لاءِ محلات ڏانهن روانو ٿيو.

هن کي اهڙي تڪڙ ۽ جوش ۾ ڏسي راڻيءَ پڇيس ته: راجا! خير ته آهي جو اڄ اهڙي سنبت پيو ڪرين؟ تڏهن ڪنئري کيس ماليءَ واري سچي حقيقت ڪري ٻڌائي. راڻيءَ اهو سڀڪجهه ٻڌي کيس چيو ته: راجا! سياڻن چيو آهي ته تڪڙ ڪم شيطان جو. ڀهرين پڪ ڪر ته اهو ڪير آهي، دشمن آهي ڪي دوست، فيصلو پوءِ ٿيندو. ڪنئري کي به اها ڳالهه دل سان لڳي، سو سڌ سماءُ وٺڻ لاءِ سپاهي ڊوڙايائين. جنهن اچي خبر ڏني ته: سائين! برابر هڪڙي شهزادي آهي، جا چئي ٿي ته اسين سير تي نڪتا آهيون، اسان کي خبر ڪانه هئي ته ڪو هي باغ راجا جو آهي. اسان جي ملڪ ۾ اهڙا جهنگ، آهن، جي وڏي آئن کي ڪارائيندا آهيون. ڪنئرو اهو ٻڌي عجب ۾ پئجي ويو، تنهن تي راڻيءَ چيس ته: آءٌ ٿي ڏسي اچان ته اها ڪير آهي. اتي ڪنئري چيس ته مونکي به پاڻ سان وٺي هل ته اها شهزادي ڏسان. راڻيءَ چيس ته: ائين ڪين ٿي سگهندو، باقي جيڪڏهن تون زنانا ڪپڙا پائي هلين ته شايد تنهنجي من جي مراد پوري ٿئي. راجا ته انهيءَ چوڪريءَ جي همت تي پرپٺ ئي عاشق ٿي پيو هو، تنهنڪري هن ڪنهن به طرح سان اُن کي ڏسڻ تي گهريو، سو پنهنجيءَ پيڻ کان ڪپڙن جو هڪ وڳو وٺي آيو. زال کان انهيءَ ڪري ڪپڙا نٿي ورتائين ته متان ڪڏهن مهڻو نه ڏي.

قصو ڪوتاهه راجا ۽ راڻي ٻئي ڄڻا سنيري باغ ڏانهن روانا ٿيا. اُتي پهچي ڏسن ته هڪڙو ڏٿو منٿو ڀانهو طنبوءَ جي دروازي تي ستو پيو آهي. راڻي ته ٻانهي جي پيٽ تي لت رکي اندر گهڙي وئي؛ پر جڏهن راجا وڃڻ جي ڪئي ته ٻانهي هڪدم ڪٽي ٽنگ،

چيو ته: منهنجي مڙس ڪنڙي کي توئي ماريو آهي، نه تون اڄين ها ۽ نه ڪا جنگ ٿئي ها! پنهنجي ساهيڙي واتان اهڙا لفظ ٻڌي آيل کي ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ روئندي چيائين ته: جيڪڏهن تنهنجو اهو خيال آهي ته آءٌ به پاڻ کي ڪنڙي سان گڏ ساڙيان ٿي. ائين چئي يڪدم پنهنجي ماڻهن کي حڪم ڏنائين ته: آءٌ ڪنڙي سان ستي ٿيان، تنهنڪري مچ ٻاريو. ٿوريءَ دير ۾ سمورو بندوبست ٿي ويو. آيل به سهي سنهري ڪنوار ٿي اچي اتي پهتي. ستي ٿيڻ کان اڳ ڌڻي پاڪ کان دعا گهريائين ته: اي ٻاجهارا مالڪ! مون تي ٻاجهه ڪر ۽ ڪنڙي کي نئين حياتي ڏي! قدرت خدا جي، آيل جي اها دعا قبول پئي ۽ ٿوري دير ۾ ڪنڙي کي ساهه پيو، اهو ڏسي سڀ ڏاڍا خوش ٿيا. پوءِ ته چوطرف ڏاڍيون خوشيون ٿي ويون. راڻي ڪامل جي دل مان به آها ڳالهه نڪري وئي. ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ آيل، ڪامل راڻي کان موڪل وٺي ڪنڙي سان شادي ڪئي، ۽ پوءِ سڄي عمر ٻئي ساهيڙيون پنهنجي گهوٽ سان، تمام پيار ۽ قرب سان گذارڻ لڳيون.



# ٻيڙهه ڳاروڙي *

ڳالهه ٿا ڪن ته جيسلمير جي ڀاٽين جي پنجين پيڙهي ۾ "ڀاڻ" نالي هڪڙو راجا راڄ ڪندو هو. ڀاڻ جو ڀيڪو هنڌين ماڳين مشهور هو. کيس "سيرو" ۽ "مورو" نالي ٻه پٽ هئا. قدرت سان سيرو ننڍي هوندي ئي گذاري ويو، تنهنڪري ڀاڻ جي مرڻ کان پوءِ ملڪ جو والي مورو ٿيو. سندس راڄ ۾ امير وزير غريب غربو، سڀ خوش هئا، جو هو تمام نيڪ ۽ عادل راجا هو. وٽانئس عدل ۽ انصاف هرڪنهن کي پلئي پوندو هو. رعايا ته گهڻوئي خوش هئي، پر ويچارو مورو سدائين ملول ۽ اداس رهندو هو، جو کيس ڪو اولاد ڪونه هو. ڪيترائي ساڌ سنت پوڄيائين، خير خيراتون ڪيائين، پر ڏئي کي کيس اولاد ڏيڻ منظور نه هو. سو سدائين انهيءَ ڳڻتيءَ ۾ پيو ڳرندو هو، ته مون کان پوءِ تخت ۽ تاج جو الائي ڪير مالڪ ٿيندو!

هڪڙي ڏينهن خبر پيس ته هڪڙو سامي فقير شهر جي ٻاهران دونهين دکايو ويٺو آهي، ۽ هرڪنهن جون مرادون پوريون پيو ڪري. مورو به اولاد جو اڃايو، دل ۾ مراد رکي راجائن وارو ٺٽ ٺانگر ڇڏي سڌو فقير وٽ آيو، ۽ ساميءَ جي پيرن تي هٿ رکي کيس پنهنجي دل جي مراد ٻڌائي. سامي پهرين ته سندس ڳالهه ٻڌي ٽپيءَ ۾ ٽنجي ويو، پر پوءِ دونهين مان ڇار جي چپٽي ڀري هن کي ڏيئي چيائين ته: تنهنجي مراد پوري ٿيندي، تو کي پٽ ڄمندو پر وڏي هوندي ڳاروڙي (فقير) ٿيندو.

سامي ڏني چپٽي، ڀيوت مان ڀري،
پٽ ايندو مورا! پڻ ڳاروڙي گهري.

* هيءَ ڳالهه ڏڀارڪر (تعلقي ننگر پارڪر) مان منگهارام اوجها کان ملي.

(سامي، راجا کي چار ماڻ چڻٽي ٻيري ڏيئي چيو ته: اي مورو! توکي پٽ ڄمندو جو ڳاروڙي ٿيندو.)

راجا اولاد جو سڪايل هو، تنهن چيس ته: سائين! جي موري کي موالي پٽ ٿيو ته به چڱو، وانجهڻي جو ٽڪو ته لهي ويندو. تڏهن فقير دونهينءَ مان چار جي ٻي چڻٽي به ٻيري ڏنس ۽ چيائينس ته: راجا! توکي ٻيو پٽ به ٿيندو، اهوئي تنهنجي مرڻ پڄاڻا حڪومت جو وارث ٿيندو. راجا چار وٺي ساميءَ کي نمسڪار ڪري موٽي آيو ۽ اها رک پاڻيءَ ۾ ملائي، راڻيءَ کي پياري ڇڏيائين.

ساميءَ جو چيو پورو ٿيو، ۽ نون مهينن پڄاڻا موري کي ٻه پٽ ڄاوا. پٽن جي ڄمڻ جو ٻڌي مورو ڏاڍو خوش ٿيو ۽ دل کولي خيرات ڪيائين.

پاڻوي ڪنور 'ٻيريو'، 'ڪيهر' ٿيو ٻيو،
هي جيسلمير جو راڄيو، هُو ڳاروڙي ٿيو.

(ساميءَ جي دعا سان، موري کي ٻه راجڪمار ڄاوا، هڪڙي جو نالو ٻيريو ۽ ٻئي جو ڪيهر رکيائين. هڪڙو وڃي فقير ٿيو ۽ ٻيو جيسلمير جو راجا بڻيو.)

سامي جي چوڻ موجب ٻيريو ننڍي هوندي کان ئي دنيا جي ڳالهين کان پري رهيو. سڄو ڏينهن پاڻ به وڻو مرليون وڄائيندو هو ۽ پنهنجن سنگتين کي به مرليون وڄائڻ سيکاريندو هو. اهڙيءَ طرح پندرهن سال گذري ويا. انهيءَ عرصي ۾ ٻيري پنهنجي سنگتين کي، جي اڍائي سؤ کن هئا ۽ هروقت ٻيري سان گڏ گذاريندا هئا، تن کي مرلين وڄائڻ ۾ هوشيار ڪري ڇڏيو.

موري پٽ جي اها حالت ڏسي ڪيس گهڻوئي سمجهايو ته: پٽ! تون هاڻ وڏو ٿيو آهين، سياڻي راڄ هلائيندين، تنهنڪري فقيرائيون ڳالهيون ڇڏي ڏي. پر ٻيري تي انهن سمجهاڻين جو ڪوبه اثر ڪونه ٿيو. نيٺ هڪڙي ڏينهن پٽس ڪاوڙجي چيس ته: توکي ستن ڏينهن جي مهلت ٿو ڏيان، انهيءَ وچ ۾ تون انهن سيني ڳالهين کي ڇڏي ڏي، نه ته توکي جوکي سزا ڏني ويندي. پر ٻيريو ساڳئي

واس ڪن ڇيلن کي آيو جي علم ۾ تمام قابل ٿي ويا، ۽ اڳڪٿيون ڪندا ڦرندا هئا. ڇون ٿا ته اهو ڪنو اُنان ترندو ترندو ڪامروپ ديس ۾ آيو، جتي جي عورتن کي هٿ لڳو، تن اهو گوشت کائي ڇڏيو، جنهنڪري اتي جون زالون علم ۾ اهڙيون قابل ٿي ويون جو مردن کان به گوءِ کڻي ويون.

هوڏانهن جڏهن مڱڻي کي پريي جي مرڻ جي خبر پيئي، تڏهن ڏاڍو ڏک ٿيس ۽ يڪدم سهي سنهري لال ڪنوار ٿي، اتي ويئي جتي پريو مئو هو ۽ ان جاءِ تي باهه جو مچ ٻارائي پاڻ کي ساڙي ڇڏيائين.



# سونل پري*

ڪنهن زماني ۾ ٿر پارڪر ۾، وڪيو سنگهار ۽ ڪرڙر نالي رباري ٻه گهرا دوست رهندا هئا. هڪڙي ڏينهن ٻئي يارن ٻيلي ۾ پنهنجا ڏور پئي چاريا ته اوچتو ڪنهن عورت جي روئڻ جو آواز ڪنين پيائون. ٻئي ڇرڪي اچرج ۾ پئجي ويا ته هھڙي ٻيلي ۾ جتي مرد ماڻهو به اچڻ جو ست ساري نه سگهندا آهن، اتي عورت ڪٿان آئي! آخر ٻئي ڇرڪي عورت کي هيڏانهن هوڏانهن ڳولڻ لڳا. ڳولا ڪندي اچي هڪڙيءَ سڙهيءَ وٽ پهتا، جتان اهو آواز پئي آيو. اندر وڃي ڏسن ته هڪڙي تمام سهڻي عورت ويٺي آهي. وڪيو ۽ ڪرڙر سندس اهڙو حسن ڏسي بيهوش ٿي ويا. ڪجهه دير کان پوءِ جڏهن سامت ۾ آيا، تڏهن ويجهو اچي پڇيائون، ته معلوم ٿين ته اها "سونل پري" هئي. جنهن چيس ته: مونکي گهر وٺي هلو. هاڻي ٻنهي ڄڻن جي وچ ۾ اچي جهيڙو هليو، ته سونل کي ڪير پنهنجي گهر وٺي وڃي! وڪئي نيٺ ڪرڙر کي پنهنجو سمورو مال ڏيئي ڪانئس سونل جي جند ڇڏائي.

جڏهن وڪيو سونل وٽ آيو، تڏهن هوءَ پنهنجو روپ مٽائي شينهڻ بڻجي ويهي رهي، اهو ڏسي وڪيي کي اچي ڊپ ورايو، سو وٺي ڀڳو ۽ ڪرڙر کان پنهنجو مال وٺي سونل جي پچر ڇڏيائين. پوءِ ڪرڙر سونل وٽ آيو ۽ اچي چيائيس ته: تون منهنجي ڌيءَ جي برابر آهين. هاڻي هي جهنگ ڇڏ ۽ هلي مون وٽ رهه، پوءِ جيڪا رکي سگهي قسمت ۾ لکيل هوندي سا ڪائي

---

* هيءَ روايت ٿرپارڪر (تعلقي ننگرپارڪر) مان منگهارام اوجها کان ملي.

گذر ڪنداسين. اهو ٻڌي سونل ساڻس گڏجي اٿي هلي. انهيءَ ڏينهن کان سونل ڪرڏر جي مال جي سنڀال ڪرڻ لڳي. قدرت خدا جي اهڙي ٿي جو جيئن پوءِ تيئن ڪرڏر جي مال ۾ برڪت پوندي ويئي. نيٺ سال وڌندو وڌندو وڃي چام ڦول جي سرحد سان لڳو.

هڪڙي ڏينهن سونل مٿي تي مٽ کڻي، هٽ ۾ ڏهن مينهن جا رسا جهلي، انهن کي ڪاهيندي چام ڦول جي محل وٽان اچي لانگهائو ٿي. انهيءَ محل رستي تي ٻه پاڏا پاڻ ۾ پيئي وڙهيا، جنهنڪري اچ وڃ جو رستو بنهه بند ٿي ويو هو. پاڏن جي وچ مان لنگهڻ جي ڪنهن کي ٻه همت نٿي ٿي. رستي جي ٻنهي پاسن کان ماڻهن جو ميڙو لڳي ويو هو، سونل کي ٻه دير ٿي ويئي هئي، سا ماڻهن کي هٽائيندي پئي ويئي. اهو تماشو چام ڦول پنهنجي ماڙيءَ جي دريءَ مان پئي ڏٺو. ماڻهن جي ٺٺ مان سونل کي وڌندو ڏسي ڏاڍو عجب لڳس، ته هيءَ ڇوڪري پاڏن جي وچان ڪيئن لنگهندي!

پر سونل مينهن کي بي ڊپائي سان ڪاهيندي جڏهن پاڏن کي ويجهو آئي، تڏهن مينهن جا رسا پير هيٺان ڏيئي، پاڏن کي ڪنن کان جهلي، هڪڙي هڪڙي چماٽ ٻنهي کي وهائي ڪڍيائين. چماٽ لڳڻ سان پاڏا وٺي ڀڳا. اهو ڏسي سڀ ماڻهو حيران ٿي ويا. پر سونل ڪنهن ڏانهن ٻه خيال نه ڏنو ۽ تڪڙي تڪڙي پنهنجو رستو وٺي هلي ويئي. چام ڦول اهو سمورو لقاءُ ڏسي حيران ٿي ويو. اهڙي پهلوان ۽ سهڻي زال هن ڪڏهن ٻه ڪانه ڏٺي هئي؛ تنهنڪري هن سان شادي ڪرڻ جو ارادو ڪيائين ۽ يڪدم حڪم ڪيائين ته: وڃي ڏسي اچو ته اها عورت ڪٿي ٿي رهي ۽ سندس نالو ڇا آهي. حڪم جي دير هئي، يڪدم ماڻهو انهيءَ پاسي ڊوڙيا ۽ ٿوريءَ دير کان پوءِ سڄي خبرچار آڻي چام ڦول کي ٻڌايائون ته: سائين! اها سهڻي ۽ پهلوان زال ڪرڏر ريباريءَ کي جي ڌيءَ آهي ۽ سندس نالو سونل آهي. اهو ٻڌي چام ڦول ڪرڏر کي پاڻ

(منبت نو سو چاهتر، ڪتي مهيني جي ٻي تاريخ لاکو جام ڄائو.)

سونل لاکو ڄڻيو، لکيءَ ڏاڻ ڄائي،
لاليءَ ڪوري ڪِلُ تيو، رامسري گهر ڏائي.

(سونل کي ”لاکو“ ڄائو، لکيءَ کي ”ڏاڻ“ نالي پٽ ڄائو، لاليءَ کي ”ڪل“ پٽ تيو ۽ رامسريءَ کي ”ڏائي“ نالي ڌيءَ ڄائي.)

اهڙي طرح سونل جي ٽن سرتين کي جن ۾ گل سونگهيو هو، ٻار ڄاوا. جنهن ڏينهن جام لاکو ڄائو، تنهن ڏينهن جام ڦول ڪنهن راجا سان لڙائي تي سنبريو هو، پر انهيءَ هوندي به ننڍڙي جام لاکي جي ڄمڻ تي سڄي ملڪ ۾ خوشي ٿيڻ لڳي. خزاني جا دروازا کلي ويا ۽ غريب غربو ڍاپجي ويو. هاڻي لاکو ڏاڏي لاڏڪوڏ سان نپجڻ لڳو:

هٿين هٿيريون، لاکي ڪن لوريون،
اندر آپسريون، لاکو لوڏڻ آئيون.

(دايون ٻانهيون لاکي کي هٿن تي کڻي ڪوڏائڻ ۽ لوليون ڏيئي نپائڻ لڳيون، جڏهن ته پريون اندر لاکي جو پينگهو لوڏڻ آيون.)

جام ڦول جون ٻيون رائيون اڳيئي سونل کان سڙنديون هيون، وري جو کيس پٽ ڄائو سو هيڪاري حسد ڪرڻ لڳيون. آخر سيني رائين گڏجي صلاح ڪئي ته: اسين اڳيئي جام ڦول جي دل تان لٿيون پيون آهيون، هاڻي وري جو پٽ ڄائو اٿس سو ته ماڳهين ڏسندو به ڪونه. تنهنڪري ڇو نه اهڙي ڪا حرفت ڪجي جيئن جام ڦول، سونل ۽ لاکي کي ماري ڇڏي. نيٺ گهڻي سوچ ويچار کان پوءِ هڪڙي رٿ رٿي جام جي انتظار ۾ ويهي رهيون.

ٻن ٽن هفتن کان پوءِ جام ڦول سوڀارو ٿي موٽي آيو. ٻين رائين حرفت ڪري وچي سندس اڳ ورتو ۽ کيس ٻڌايائون ته: لاکو تنهنجو پٽ ڪونهي. انسان ويچارو ڪانه. ڀلا ڪنهن جهڙي، سو جام کي مٿن ويساهه اچي ويو، تنهن يڪدم سونل کي

چوائي موڪليو تہ: مونکي خبر پيئي آهي تہ لاکو منهنجو پٽ ڪونهي، تنهنڪري جيڪڏهن تون سچي آهين تہ لاکي سميت باهہ مان لنگهي، سلامت نڪتينءَ تہ تون سچي آهين، نہ تہ توکي تنهنجي ڪئي جي سزا ملندي. ڄام جو اهو حڪم ٻڌي سونل کي ڏاڍو ڏک ٿيو، پر هائي ڪري ڇا ٿي سگهي. سو چوائي موڪليائينس تہ: آءٌ انهيءَ لاءِ تيار آهيان. شهر جي وچ ۾ آڙاهہ تيار ٿي ويو ۽ سڄي شهر ۾ پڙهو گهمي ويو تہ سونل اڄ پنهنجي ست جو امتحان ڏيندي. اها ڳالهہ ٻڌي ماڻهن جا حشام اچي گڏ ٿيا، ايتري ۾ سونل بہ پنهنجي پٽ لاکي سميت اچي پهتي ۽ آڙاهہ جي مٿان بيهي چوڻ لڳي:

ڪوري ساڙهي م پري، انگ م لڳي داڳ،
لاکو هوئي ڦل جو، تہ سورج پرجان ساک.

(منهنجي ڪوري ساڙهي اصل نہ سڙي، ۽ جسم کي باهہ جو ذرو بہ اثر نہ ڪري: جيڪڏهن لاکو ڄام ڦول جو هجي، تہ اي سج! تون ساک ڏجئين.)

ائين چئي هوءَ پٽ سميت آڙاهہ ۾ ٽپي پئي. ڪجهہ دير کان پوءِ وري جهڙي هئي تهڙي سلامت ٻاهر نڪري آئي. اهو ڏسي ڄام ڦول کي ڏاڍو ارمان ٿيو تہ ڇو بنا ڪنهن سوچ ويچار جي پنهنجي دل واري زال تي شڪ ڪيم. اهو ڏسي ساڙ سڙيون پاڇون سڙي ويون ۽ اچي ساهہ سان لڳن تہ هائي الاجي ڇا ٿيندو. ٿوريءَ دير کان پوءِ ڄام ڦول انهن سڀني رائين کي گهرائي چيو تہ: سونل پنهنجي ست جو ثبوت ڏنو، هائي اوهين سچيون آهيو تہ هن باهہ مان اُڪرو. پوءِ تہ سڀني کي اچي سر سان لڳي. نيٺ مرندي جهرندي باهہ ۾ گهڙيون ۽ اتيئي سڙي مري ويون. انهيءَ کان پوءِ رائي سونل ڄام ڦول سان سڄي عمر قرب ۽ آرام سان گذاريو.

۾ جهان جا سڀئي ڏاتار ڍڪجي ويا:

اوٺي جي دانن، ڪيهون ابر لڪيون،
رج پيئي رائين، ڏاتار تيت ڏڪجي ويا.

وينجهو، وڪيو ۽ جکرو اهي ٽي ڏاتار بہ پنهنجو مٽ پاڻ آهن، جي قلعي جيڏا ڍڳ ڪپڙي جا خيرات ۾ ڏين ٿا:

چڱا ڀلا اوٺري، وينجهو، وڪيو ۽ جکرو،
ڪپڙي جا ڪوٽ ڪري، ڏين ٿا ڏڏن کي.

ڇهون ڏاتار سمون 'هٿنڊ تڏياڻي' آهي، جو سخاوت جي ڪري ڏيهن ۾ مشهور آهي:

ٿڏي تيج ڏناس، سمون ساهڙ جي پٽ ۾،
پڏرو پڙ ڪنداس، هٿنڊ تڏياڻي ٿيو.

ستون ڏاتار چام اوڍاڻي جکرو آهي، جنهن ماڙيءَ تان ويهي سخاوت جو مينهن وسايو. ان جو مقابلو بہ ڪوبہ ڪونہ ٿو ڪري سگهي:

چڙهي ميڙي ماڳ، اوچو اڏرڪي وٺو.
تارا ڪڍين نہ تاڳ، چام اوڍاڻي جکرو.

انهون سخي چام ڪرڻ آهي، تون لک تو بخشين تہ هو ڪروڙ ٿو بخشي ڇڏي. هرڪو پيو چوي تہ: لاکي لک بخشيا، ڪرڻ بخشي ڪروڙ.

نائون ڏاتار راءِ ڏياچ ٿيو، جنهن جهڙو سورهيہ بہ نہ ڪو ٿيو نہ ڪو ٿيندو، جنهن چارڻ جي سوال تي پنهنجو سر ويڍي ڏنو:

پيٺو ويرم راءِ، پوڻو رانگڙ جکري،
ڏنو "راءِ ڏياچ" مٿو مڱڻهار کي.

۽ ڏهون ڏاتار تون آهين.

سومنگ چارڻ جا اهي ٻول ٻڌي، چام لاکي کيس ڪاوڙ مان چيو تہ: اڙي ٻارڻ! جڏهن سخي سردار خيرات ۾ پنهنجو سر ڏيندا هئا، تنهن وقت ۾ چارڻ بہ اهڙا هوندا هئا، جو پنهنجي ڏاتارن سان گڏ مرندا هئا. چام لاکي جو اهو مهڻو ٻڌي سومنگ چيو تہ: مونکي بہ جي پنهنجو مٿو ڏئين تہ آءٌ بہ مرڻ لاءِ تيار آهيان.

پٺي پٽيون ٻڌيون- ڪان دربار جو ڏس پڇيائين، جنهن هن کي اوڏانهن وڃڻ جو رستو ڏيکاريو.

مڇاڻ ته سومنگ چارڻ کي رستو ڏيکاريندڙ وڪيو پاڻ هو، جيڪو ان وقت ڇوڙا پوش ڪيو پٺي گهميو. جڏهن سومنگ سندس ڪچهريءَ ۾ آيو، ڪيس يڪدم سڃاڻي ورتائين ته هيءَ ساڳيو اهو ماڻهو آهي جنهن گهيٽي ڪي پٽيون پٺي ٻڌيون. خيال ڪيائين ته جنهن ماڻهو گهيٽن کي پٺي پٽيون ٻڌيون، سو ڪهڙي خيرات ڏيندو. نااميد ٿي ماڻڙي ڪري هڪڙيءَ ڪنڊ ۾ ويهي رهيو. وڪيو سندس حالت ڏسي سمجهي ويو، سو چيائينس ته: چارڻ! ڇو تنهنجي منهن جو پنو ٺي لٿو پيو آهي. تنهن تي چارڻ ٺهه پهه جواب ڏنس ته:

ڦلاڻي لاکي وٽ، مون وڏو ڪيو تي وات،
گهيٽن پٽيون ٻڌي، سو ڏيندو ڪهڙو ڏات!

(مون لاکي ڦلاڻي وٽ تنهنجي ڏاڍي نيڪي ڪئي هئي، پر ڏسان ٿو ته جيڪو اڃا گهيٽن کي پٽين ٻڌڻ ۾ پورو آهي، سو ڪهڙي سخاوت ڪندو.)

اهو ٻڌي وڪئي چيس ته: چارڻ! آءٌ گهيٽن کي پٽيون ٻه ٻڌي سگهان ٿو ۽ سر به ڏيئي سگهان ٿو؛ پر پهرين تون پنهنجون خبرون ٻڌاءِ ته تنهنجو نالو ڇا آهي ۽ ڪٿان پيو اچين؟ اهو ٻڌي سومنگ کي خاطري ٿي ته هي مڙس سڙڻ وارو ڪونهي، سو چيائين ته: سائين! منهنجو نالو سومنگ آهي، لاکي ڦلاڻيءَ جو پٽ آهيان؛ تنهنجي سخا جي ساراهه ٻڌي ڪيرا ڪوٽ مان ڪهي هتي آيو آهيان. تنهن تي چام وڪئي چيس ته: ڀلي ڪري آئين چارڻ! تون ڏات وٺڻ لاءِ تمام پري نڪري آيو آهين، لاکي ڦلاڻيءَ جي سخا ته سچ مثل آهي، تون ان جو چارڻ ٿي ڪري مون وٽ ڏات لاءِ آيو آهين، تڏهن سمجهان ٿو ته منهنجي پرک وٺڻ آيو آهين. تنهنڪري هاڻي گهر جيڪي گهرڻو اٿيئي. سومنگ

منڍائتا پيرون تنا ملڻ تہ پنھنجو سر وڍي ڏي. اھو ٻڌي وڪيي کي خاطري ٿي تہ چارڻ ڪنھن جو پڙھايل آھي، سو ھاٿي سر ڏيڻو پوندو، پر وري بہ سونگ کي سمجھائڻ لڳو تہ: اي چارڻ! توکي پيرن جي عيوض سوين سنجيل گھوڙا، ڪيتريون ستاريون مينھون ۽ ٽري اٺن جي قطار ڏيان، جي خوشيءَ سان ڪاھي ھليو وڃ. پر چارڻ چئي تہ: اي ڏاتار! پيرون ڏيار، يا سر ڏي. تڏھن چيائينس تہ: ھاٿي مونکي ھڪڙي ڏينھن جي مھلت ڏي، جي پيرون ھٿ نہ آيا تہ سر ڏيندوسئين. چارڻ کيس خوشيءَ سان ھڪڙي ڏينھن جي مھلت ڏني.

چار وڪيي کي بہ رائيون ھيون، ھڪڙي راجا دلوراءِ جي ڌيءَ ۽ ٻي سيڙ چوٽائيءَ جي ڌيءَ ھئي. وڪيو ڀريائين دلوراءِ جي ڌيءَ وٽ ويو، ۽ کيس ساري حقيقت ٻڌايائين. سڄي ڳالھہ ٻڌي رائيءَ چيو تہ:

چارڻ ناھہ، ھيءُ چورٽو، ڪوڙو آھہ ڪنيار،
ڪاھڻ ھاٿيءَ جي پڳي، ڪا تان ڪڻ تلوار.

(ھيءُ سچو چارڻ ڪونھي پر ڪوڙو ڪنيار ٿو ڏسجي، تنھنڪري ھن کي ھاٿيءَ جي پيرن ھيٺان لتاڙائي مارائي ڇڏ، يا تہ تلوار سان ختم ڪرائي ڇڏ.)

رائيءَ جا اھي لفظ وڪيي کي ڏاڍا ڏکيا لڳا، تنھنڪري يڪدم اتان اٿي ٻي رائيءَ وٽ آيو، ۽ ان کي ساري ڳالھہ ڪري ٻڌايائين. اھا سخي سيڙ چوٽائي جي ڌيءَ ھئي، جا سخيءَ جي گھر ۾ ڄائي نپنيءَ جنھن کي سواليءَ جو قدر ھو، تنھن يڪدم جواب ڏنس تہ:

سيڙ چوٽائي ڌيءَ، سحل وڪيو آيو،
ڀرين مٿو منھنجو، ٻوءِ تنھنجو ڏيج.

(اي وڪيا! جي سواليءَ جو سوال پورو نہ ڪري سگھين تہ ڀرين منھنجو سر ڏج ۽ ٻوءِ پنھنجو؛ پر سواليءَ کي خالي نہ موٽائج.)

ھن رائيءَ جا اھي لفظ ٻڌي وڪيو ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ ٻنھي ڏينھن

سومنگ چارڻ کي سر ڏيڻ جو پڪو انجام ڪيائين. اتان اٿي وڪيي هڪڙي نجوميءَ کي گهرايو، جنهن حساب ڪري ٻڌايس ته: اڄ کان اٺين ڏينهن ست پٽرياڻي مينهن جي کير سان وهنجي وڃي سر ڏجئين. اهو ٻڌي وڪيي پنهنجي ميهار ”وسائي“ کي حڪم ڏنو ته اها مينهن جا ستن پيڙهين کان پاڻ وٽ موجود هجي، ان جو کير فلاڻي ڏينهن صبح جو سوير حاضر ڪجئين.

اها ڳالهه شهر جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙجي ويئي ته اٺين ڏينهن وڪيو ڏاتار، سومنگ چارڻ کي پنهنجو سر وڍي ڏيندو. ماڻهو اچي ڪاوڙيا، ڪو پيو چئي ته چارڻ کي پٽ ۾ بند ڪرائي لسائي ڇڏجي، ته ڪو پيو چوي ته پالي جي منهن ۾ ٿنبائي ڇڏجيس. پر وڪيي پنهنجيءَ دل ۾ سر ڏيڻ جو پڪو پهه ڪري ڇڏيو هو. آخر مقرر ڏينهن به اچي پهتو. صبح جو سوير وڪيي کي سر ڏيڻو هو، جو ان وقت تائين ڪٿان به پيرون هٿ نه اچي سگهيا هئا. وسائي کي اهر مهل کير پهچائڻ لاءِ حڪم هو.

وڪيي جون ست هزار مينهون هيون، جن کي وسايو چاريندو هو. جيڪا مينهن ستن پيڙهين کان وٽن هئي، تنهن جو نالو ”ماڻڪي“ هو. ان جي عادت هئي ته ڪٿي به هوندي هئي ته پهرئين سڏ تي اچي نڪرندي هئي. اهر مهل مقرر ڏينهن تي وسايو مينهن کي سڏڻ لڳو. ڏاڍو عجب لڳيس ته ٽن چئن سڏن کان پوءِ به ماڻڪي ڪانه آئي. سو اچي سر سان لڳس ته جي ماڻڪي اڄ نٿي اچي ته ڏاتار جو قول ڪوڙو ٿيندو ۽ آءٌ مارجي ويندس. هيڏانهن هوڏانهن مينهن کي ڳولڻ لڳو. اوچتو سنڌس ڪن تي ماڻڪيءَ جي رنڀ جو آواز پيو. اهو آواز هن سڃاتو، اتي ڪجهه مڙئي پيٽ ۾ ساهه پيس، ۽ يڪدم آواز واري طرف وڃي ڏسي ته ماڻڪي اڳ ئي واڙي وٽ بيٺي آهي پر سندس سڱن ۾ هڪڙي تاري اٽڪي پئي آهي. مڃاڻ اها تاري ڪا پيرن جي هئي. پيرون ڏسي سندس وات ئي ڦاٽي ويو.

تنهن وڪيءَ جي تعريف ٻڌي هيڪاري مٿس ڪاوڙ ڪئي. پوءِ سومنگ، چارڻ ٻه ڪيراڪوٽ ڇڏي چام وڪيءَ وٽ آيو. جنهن سندس خراب حالت ڏسي مٿس قياس آڻي پاڻ وٽ رهايو. ۽ درويشن جو پڙهيل پاڻي گهرائي اول پنهنجي هٿ سان ڇنڊا هنيائين ۽ ان بعد سومنگ کي وهنجارايائين. جنهن ڪان پوءِ سومنگ، کي ڪوڙهه ڇڏي ويو، رڳو سندس نراڙ تي هڪ ننڍو داغ باقي وڃي رهيو. چون ٿا ته سومنگ، چارڻ جي پوين ۾ اڄ ڏينهن تائين اهو نراڙ وارو نشان هلندو اچي.



مينهون ڪيئن تو سنڀالي. سو جنهن مهل هي روانو ٿيو، تنهن مهل پاڻ به لڪي هن جي پويان لڳو، سڀ مينهون اچي ٻيلي ۾ ٻيٺيون، ۽ جسوڏن وچ ۾ ٻيٺو رهيو. جڏهن ٻيو اوچو (ويهڪ) ڪري اُٿيون تڏهن هڪڙو پاڏو ڪير ڏائڻ لاءِ ڊوڙندو آيو، جنهن جي آواز تي مينهن ساڳائي. اهو ڏسي جسوڏن هڪل ڪئي ۽ ڊوڙي وڃي پاڏي کي پري پڄائي ڇڏيائين، ۽ پاڻ ويهي مينهن جو کير پٽ تي ڏهي ڇڏيائين! ياکيي جنهن اهو سڄو لقاءُ ٻيٺي ڏٺو سو ڏاڍو حيران ٿيو ۽ يڪدم نڪري اچي ڪائنس پڇيائين ته: يار! ڏي خبر! تو کير هارڻ سهسايو، پر پاڏي کي نه پياريو، هارڻ ڪان تون ٿي کير پي ڇڏين ها. جسوڏن چيس ته: ادا! وڏڙن چيو آهي ته 'ماڻهو هرڻي ڪان شينهن هريو چڱو،' سو جي آءٌ اڄ کير پيان ها ته هري پوان ها، تنهنڪري هاري ڇڏڻ مناسب ڄاتم، جي پاڏي کي پياريان ها ته پوءِ وٺاڻ تي ڪونه ويهي ها، ۽ جي کير نه ڏهان ها ته مينهن ٿڻ ڦٽائي ڇڏي ها، انهيءَ ڪري ائين ڪيم. ياکيو هن جي ايمانداري ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو، پر چيائينس ته: يارا تو جهڙي سمجهو ۽ لائق ماڻهو جي مون وٽ مزوري ڪانهي. ائين چئي گهر اچي انهن پنجن ڇهن راتين جي خاصي مزوري ڏيئي، ڪين روانو ڪيائين.

هي ٽيئي هلندا هلندا اچي هڪڙي ٻئي شهر ۾ پهتا. اتي پهچي جسوڏن خيال ڪيو ته حياتي الاجي ڪيترا ڏينهن آهي. هي جيڪي پيسا آهن، تن مان ڪو چڱو چوکو طعام تيار ڪرائي کائجي، سو ٻانهيءَ کي چيائين ته: آءٌ سامان وٺيو ٿو اچان، تون ڪيئن به ڪري اڄ مونکي بادشاهي طعام تيار ڪري کاراءِ. ٻانهي حڪم جي ٻندي، تنهن چيو ته: سائين! ڀلي. پوءِ وٽس جيڪي به پيسا هئا تن مان گوشت، چانور ۽ مصالحا وٺي آڻي ٻانهي کي ڏنائين، ۽ ڪجهه شراب پنهنجي غم ٽارڻ لاءِ وٺي آيو. ٻانهي ڪٽان آڏارا سڌارا ٿانو وٺي ماني تيار ڪرڻ لڳي. جسوڏن خيال ڪيو ته اڪيلو شراب پيئڻ روا نه آهي، ڪو مڙئي ساٿي ضرور هجي

هر دلعزيز حاڪم جسوڏن سائن کهڙا ڀال ڀلا يا هئا .

جسوڏن هڪ هر دلعزيز بادشاه ۽ سيني جي خير گهرڻ وارو هو . هو يارن جو يار هو ۽ ڏکيي وقت ۾ به جيڪي ڪي هئس سو يارن سان ونڊي کاڌائين . انهي ڪري ئي ڪانئس پوءِ به سندس نالو رهجي ويو ، تان جو ١٨ صدي ۾ جڏهن ڀٽائي صاحب پٽيهل جو قتل ڏورو وڃي ڏٺو تڏهن چيائين ته :

ڏور نه اڳينءَ ڏار ، مهند ملاحن لکيو ،
موڙي چڏياڻون مَڪڙا ، پسي پاڻيءَ پار ،
جسوڏن جيها يار ، پيا ويڙ ويماس ۾ .



# گامون سچار - ۱ *

اٽڪل يارهين صدي هجريءَ جي ڳالهه آهي تہ سنڌ جي اتر واري ڀاڱي جو نواب، غازي خان مرڙاڻي نالي هو. سندس ملڪ ۾ "بابل" نالي هڪڙو وڏو زميندار رهندو هو، جنهن پنهنجي زمين تي هڪڙو ڪوٽ ٺهرايو هو، جتي سڄي عيال سان رهندو هو. بابل کي اولاد ڪونہ هو، تنهنڪري رات ڏينهن رب سائين جي درگاهہ ۾ اولاد لاءِ ٻاڏائيندو رهندو هو.

بابل کي شڪار جو گهڻو شوق هوندو هو، تنهنڪري هو ڏينهن جا ڏينهن ڪوٽ کان ٻاهر گذاريندو هو. سندس دستور هو تہ جڏهن ٻاهر ويندو هو تڏهن ڪوٽ جو ٻاهريون دروازو بند ڪري ويندو هو؛ ان لاءِ تہ ڪوبہ مرد ماڻهو ڪوٽ اندر نہ اچي، ۽ نہ وري ڪو ماڻهو ڪوٽ کان ٻاهر وڃي. هڪڙي ڏينهن بابل شڪار تي ويو تہ پٺيان هڪڙو درويش وليءَ الله گهوڙي تي سوار ٿي اچي ڪوٽ جي دروازي تي پهتو. بند دروازي کي ٽري هنيائين تہ کلي پيو، ۽ اهو درويش گهوڙي سميت اندر ڪوٽ ۾ هليو ويو. بابل جي زال هن کي ڏسنديئي دانهن ڪئي تہ: اي خدا جا بندا! تون ڪير آهين ۽ ڇو اسانجي ڪوٽ ۾ گهڙي آيو آهين؟ منهنجي مڙس کي جي خبر پئي تہ توکي توڙي مونکي ماري ڇڏيندو. هن درويش جواب ڏنو تہ: مائي! آءٌ خدا جي حڪم سان اوهان کي پٽ ڄمڻ جي بشارت ڏيڻ آيو آهيان. هاڻي تون پنهنجي مڙس کي منهنجا سلام ڏيئج ۽ اها خوشخبري بہ ٻڌائج. مائيءَ جواب ڏنو تہ:

* هن ڳالهہ جي روايت اتر (تعلقي روهڙي) مان عبدالرزاق ميمڻ کان ملي.

ڳالهائيندو هو. انهيءَ ڪري هو "ڳامون سچار" جي نالي سان مشهور ٿي ويو. جيئن ته سندن پيو ڪو مٽ مائٽ ڪونه هو، جو زمين جي سنڀال ڪري، تنهنڪري مائيءَ هارين جي اعتبار تي سڄي ٻني انهن جي حوالي ڪري ڇڏي هئي. پيدائش مان جيڪو ٻه حصو پتي سندن ٿيندو هو، سو هاري کين گهر ويٺي پڄائي ڇڏيندا هئا. وٽن ڏاندن جو ڀلو جوڙو هو. مائيءَ خيال ڪيو ته اهو جوڙو مرشد کي ڏينديس. هڪڙيءَ رات جڏهن ڳامونءَ سان اها خبر ڪيائين ته اهو ڏڳن جو جوڙو مرشد داتا گنج بخش لاهوريءَ کي ڏيڻو آهي. تڏهن ڳامونءَ چيو ته: امان! اهو ڪم آءٌ ڪندس. اول خير ته سڀاڻي صبح جو ڏاند ڪاهي لاهور ويندس. ان رات ڪو چور هنن جي گهر ۾ چوريءَ ڪرڻ جي ارادي سان آيو هو، تنهن سموري حقيقت ويٺي ٻڌي. چور دل ۾ خيال ڪيو ته ڇو نه صبح جو اهو جوڙو ڏاندن جو ڇوڪري کان کسي وٺان، منهنجي لاءِ اهائي چوري بس آهي. سو آهستي آهستي لڪي گهر مان نڪري ويو.

ٻئي ڏينهن صبح جو سوير ڳامون، ڏڳن جو جوڙو ڪاهيو پئي ويو. واٽ تي چور اڳئي سندس گس جهليو بيٺو هو، تنهن اچي ڏڳن جي رسن ۾ هٿ وڌو. ڳامونءَ پڇيس ته: تون ڪير آهين؟ ۽ ڇو تو ڏاندن ۾ هٿ وجهين؟ تڏهن چور جواب ڏنس ته: ابا هي ڏاند منهنجا آهن. تو ۽ تنهنجيءَ ماءُ رات ڳالهه پئي ڪئي ته هي ڏاند مرشد داتا گنج بخش جا آهن، سو اهو گنج بخش داتا آءٌ آهيان. مونکي لاهور ۾ ئي خبر پئجي ويئي، جيم ته توکي تڪليف ٿيندي تنهنڪري آءٌ پاڻ وٽن آيو آهيان. ڳامون اها ڳالهه ٻڌي، ڏاند ان چور جي حوالي ڪيا، ۽ چيائينس ته: سائين! مونکي پنهنجو مريد ڪر. چور چيو: ابا! تنهنجي مريد ٿيڻ ۾ امتحان آهي. ڇوڪري چيو ته: بيشڪ مون کان امتحان وٺو. پوءِ چور ڳامونءَ جون اکيون ٻڌي ويندو رهيو. ڪوبه ماڻهو ڇوڪري جون اکيون ڪٿيو کولي ته ان کي منع ڪري، چي: جنهن ٻڌيون آهن سو پاڻهي اچي کوليندو.

جي وکر کي مروڙي سروڙي کٿي هڪڙيءَ ڪنڊ ۾ اڇلايو، ۽ هن جي جند آزاد ڪيائون. پوءِ نظر وزير وسواس جي گھٽي لنگھي، دليريءَ جي دروازي کان ٽپي، دل بادشاهه جي ڪچهريءَ ۾ پهتو. وڏي وجهي سلام ڪيائين. بادشاهه هن کان احوال پڇيو. نظر وزير، عشق بادشاهه جو سمورو احوال پيش ڪيو، ته پريم رس جو پيالو ۽ آبحيات گھرجي، ان لاءِ آيو آهيان. بادشاهه ٻڌي جواب ۾ چيو ته: اڄ رات هتي ترس صبح سياڻي توکي جواب ڏينداسون.

قصو ڪوتاهه، رات ٿي ته بادشاهه جون به رائيون هڪ لڄ ۽ ٻي مرم، ۽ ٻه پٽ حياءُ ۽ شرم، ٻه ٻانهيون صلاح ۽ مصلحت ۽ ويچار وزير اچي گڏ ٿيا. دل بادشاهه سڀني کي ٻڌايو ته: عشق بادشاهه جو وزير آيو آهي. پريم رس جي پيالي ۽ آبحيات جي گھر ٿو ڪري. صلاح ۽ مصلحت جواب ڏنو ته: حسن افروز کي گھرائي جواب ان کان وٺو، ڇو ته ڪم به انهيءَ جو آهي، ۽ اهي شيون به ان وٽ آهن. حسن افروز ڏي ماڻهو ويو. هوءَ پنهنجون ڇهه سهيليون هستي، مستي، خودي، خوءِ، تڪڙ ۽ ڪاوڙ ۽ به نوڪر فخر ۽ غرور پاڻ سان وٺي اچي حاضر ٿي. اچڻ تي ڪيس سڄي ڳالهه ڪري ٻڌايائون ۽ چيائونس ته: هاڻي ٻڌاءِ ته ڪهڙو جواب ڏجي؟ حسن افروز کان اڳ، تڪڙ ۽ ڪاوڙ جواب ڏنو ته: سڏائي ٿو عشق ۽ ويهي ٿو توبهه جي ڪوٽ ۾! پاڻ هتي روبرو ايندو ته پريم رس جو پيالو ۽ آبحيات ڏينداسون. صبح جو دل بادشاهه، نظر وزير کي جواب ٻڌايو ته: جي تنهنجو بادشاهه هتي ايندو ته سندس ڪم ٿيندو. نظر وزير عرض ڪيو ته: سائين، مون گھڻي تڪليف ورتي آهي، ڏاڍو ٿڪجي پيو آهيان، اوهين مهرباني ڪري پنهنجو ماڻهو موڪلي عشق بادشاهه کي احوال ڏيو ته ڏاڍو چڱو! دل بادشاهه اها ڳالهه قبول ڪري پنهنجا ٻه نوڪر، نياپو ۽ سنيهڙو موڪليا. جڏهن نوڪر عشق بادشاهه وٽ پهتا، ۽ سمورو احوال پيش ڪيائون، تڏهن بادشاهه يڪدم هلڻ لاءِ تيار ٿيو. ايتري ۾ عقل بادشاهه کي خبر پئجي ويئي. جنهن چيو ته: عشق ويندو ته وري نه ايندو. هن

انڌار لشڪر چاڙهي موڪليو، جنهن ۾ گهبراهٽ جا گهوڙا ۽ حيرت جا هاٿي هئا. جن اچي توبهه جي ڪوٽ جا دروازا بند ڪري، پهري جو انتظام رکيو.

نياپو ۽ سنيهڙو پڄندا آيا ۽ اچي دل بادشاهه کي احوال ٻڌايائون تہ: عشق، توبهه جي ڪوٽ ۾ قيد ٿي ويو. دل بادشاهه چيو تہ: پرواهه نہ آهي. اسين بہ ٻانهيون رمز ۽ تميز موڪليون ٿا، آهي عشق بادشاهه کي ڳٽهلي ايندي يون. جڏهن اهي ٻئي پهتيون تڏهن ڪيڏانهن ويا گهوڙا تہ ڪيڏانهن ويا هاٿي. ٻانهين توبهه جي ڪوٽ جا دروازا کولي، عشق بادشاهه کي ڪن کان وٺي آئي ٻاجهه جي ٻيڙيءَ ۾ چاڙهيو. ٻاجهه جي ٻيڙيءَ تان لٿائي، وسواس جي گهٽي وٺي، ٻرهه جي بازار مان ٿيءَ اچي دل بادشاهه جي ڪچهريءَ ۾ پهتا. عشق بادشاهه زار زار روئي پيو تہ رمز ۽ غمز منهنجا ٻئي ڪن پٽي ڇڏيا آهن. دل بادشاهه چيس تہ: فڪر نہ ڪر، ڏک جا ڏينهن ٿورا آهن.

خير سان اچي رات ٿي، دل بادشاهه حسن افروز کي چيو تہ: عشق بادشاهه وڏو ڪشالو ڪري هتي پهتو آهي. هاڻي هن کي پريم رس جو پيالو ۽ آبحيات پيار. حسن افروز چيو تہ: آءٌ اڪيلي ڪانہ ايندس، پر پنهنجن نوڪرن ۽ سهيلين ساڻ ايندس. پوءِ هوءَ هار سينگار ۽ ناز نخرو نوڪر، محبت ۽ صحبت، حيرت ۽ عبرت، خوشي ۽ خوبان سهيليون تيار ڪري پاڻ ساڻ وٺي، اچي عشق بادشاهه جي اڳيان بيٺي. پوءِ پريم رس جو پيالو ۽ آبحيات بہ پيارياڻينس. صبح ٿيو تہ دل بادشاهه جي ڪچهريءَ ۾ عشق بادشاهه حاضر ٿيو. دل بادشاهه چيس تہ: پٽ! هاڻي سڄي پنهنجي ملڪ وڃ. هن نهه پهه جواب ڏنس تہ: هاڻي آءٌ تنهنجو آهيان، ۽ تو وٽ ئي رهندس. منهنجو عقل بادشاهه سان ڪو بہ واسطو ڪونهي، ۽ نڪي ان کي سڃاڻان. پوءِ عشق بادشاهه اتي ئي رهڻ لڳو.

نواب غازي خان جي اڳيان، ڳامون سچار اها ڳالهه ڪري

پوري ڪئي. نواب ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ڪيس پاڪر پائي چيائين ته: ”ڳامڻ خان تو ڪي ڪوڙو ڪير چوي. تون دعا جو ٻچو آهين، سو ڪنهن کي وٺ ٿي ڪونه ڏيندين؟ هاڻي گهڻا ڏينهن گذري ويا آهن، پنهنجي ماءُ جي به وڃي خبرچار وٺي، وري اچ. هي انعام اڪرام به کڻي وڃ. ڳامون هن کان موڪلائي پنهنجي گهر آيو. ماڻس، جا پٽ جي جدائيءَ ۾ روئي روئي انڌي ٿي پيئي هئي، سا پٽ سان ملي ڏاڍي خوش ٿي.



# ڳامون سچار-٢ *

ڪنهن زماني ۾ ’غازي خان‘ نالي بادشاهه هوندو هو. هنجو وڏي وزير جو نالو ’بشارت خان‘ هو. هڪڙي ڏينهن ڳامون سچار بادشاهه جي دربار ۾ آيو ۽ بادشاهه کي اچي سلام ڪيائين. ڳامونءَ جون خبرون ڳالهيون ٻڌي غازي خان مٿس مهربان ٿي پيو ۽ پنهنجي وزير بشارت خان کي چيائين ته: هي تمام داناءُ شخص ٿو ڏسجي، تنهنڪري تون هن کي في الحال پاڻ وٽ رهاءِ، پوءِ آءٌ هن کي وزير بنائيندس. بشارت خان حڪم موجب ڳامون کي وٺي وڃي پاڻ وٽ رهايو.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ بشارت خان کي اچي ڪتڪو ٿيو ته بادشاهه ڳامون تي تمام گهڻو مهربان ٿو ڏسجي، شايد مون کان وزارت کسي هن کي ڏئي. تنهنڪري هن کي پچائڻ گهرجي. سو هڪڙي ڏينهن ڳامون کي چيائين ته: اسين هن بادشاهه وٽ اڳ، ۾ ٽي گهڻا وزير آهيون، تنهنڪري؛ تون وڃي ڪنهن ٻئي بادشاهه وٽ ٻيهه. تڏهن ڳامون چيس ته: جيڪڏهن ائين آهي ته آءٌ ڀيائي بادشاهه، کان موڪلائي هليو ويندس. ٻئي ڏينهن ڳامون اچي بادشاهه کان موڪلائڻ لڳو. تڏهن بادشاهه پڇيس ته: موڪلائين ڇو ٿو؟ هن چيو ته: سائين! توهان جو وزير بشارت خان چئي ٿو ته وڃي ڪنهن ٻئي بادشاهه وٽ ٻيهه؛ تنهنڪري وڃان ٿو. بادشاهه کي ان ڳالهه تي ڏادي چڙ لڳي، سو ڳامونءَ کي يڪدم ڪٺي پنهنجو آندرون بنايائين. اهو حال ڏسي بشارت خان ويتر سڙي ويو، ۽ هن جي ٽڙڻ لاءِ نيون رٿون سوچڻ لڳو.

---

* هيءَ روايت ’ڳامون سچار‘ جي نالي سان ڇپيل هڪ ڪتابڙي تان ورتل آهي، جو مولوي بخش علي سنه ١٩١٥ع ۾ ڇپايو.

عقل تي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ يڪدم پنهنجي ڳچيءَ مان هار لاهي ڪري ڳامون کي پارايائين.

بادشاهه کي ڳامونءَ تي وڌيڪ مهربان ٿيندو ڏسي، بشارت خان هيڪاري حسد ۽ ساڙ ۾ سڙڻ لڳو. آخر آزمائش خاطر وري هڪڙي رت رتي بادشاهه کي چيائين ته: بادشاهه سلامت! هاڻي ڳامونءَ کي چئو ته اسان کي ڪا اڻ ڏٺي ۽ اڻ ٻڌي ڳالهه ٻڌاءِ. بادشاهه ڳامون سچار کي چيو، جنهن يڪدم هي ڳالهه شروع ڪئي:

جڏهن رب العالمين زمين پيدا ڪئي، تڏهن هڪ گلبدن جو قلعو به پيدا ڪيائين ۽ اُن ۾ دل کي بادشاهه ڪيائين. دل بادشاهه جي اڳيان عقل کي وزير مقرر ڪيائين، طبيعت ۽ طرح ٻئي چٽا دل بادشاهه جي خدمت ۾ ڏنائين. ڪجهه ڏينهن ڪان پوءِ طبيعت ۽ طرح وچي عقل وزير کي چيو ته: دل بادشاهه هاڻي اسان جي ٿهل کان انڪار ٿو آڻي. تڏهن عقل وزير، نظر وزير ۽ مراد فقير کي چيو ته: دل بادشاهه کي توبهه جي ڪوٽ ۾ آڻي جهليو ۽ وڃي سندس خدمت ۾ رهو. نظر وزير ۽ مراد فقير، دل بادشاهه کي جهلي اچي توبهه جي ڪوٽ ۾ ويهاريو. اُن توبهه جي ڪوٽ جو زميندار نفس هو. خرخسو ۽ وسواس ٻئي سندس ڪوتوال هئا. نفس زميندار، خرخسي ۽ وسواس کي چيو ته: هلو ته دل بادشاهه جي سلام تي هلون. خرخسي ۽ وسواس، نفس زميندار کي چيو ته: تون هل، اسين پوءِ ٿا اچون. پوءِ نفس زميندار اڪيلو اچي دل بادشاهه کي سلام ڪيو. گهڙيءَ ڪن ڪان پوءِ خرخسو ۽ وسواس به اچي بادشاهه جي سلام تي پهتا. هنن کي ڏسي، نفس زميندار کين چيو ته: چڱو جو توهان به آيا، بادشاهه اوهان جو پڇيو پئي. انهيءَ وچ ۾ دل بادشاهه به خرخسي ۽ وسواس کان ڪاوڙ مان پڇيو ته: اوهان دير ڇو ڪئي؟ تڏهن خرخسي ۽ وسواس وراڻيو ته: سائين! اسان کي ويساهه نه ٿي آيو ته ڪو دل بادشاهه، توبهه جي ڪوٽ ۾ ايندو! تڏهن وري بادشاهه ڪانئن پڇيو ته: اوهان کي ڇو نه

غازي خان، ڳامونءَ جي اها ڳالهه ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ کيس تمام گهڻو انعام اڪرام ڏنائين. باقي بشارت خان اصل سڙي ويو. پوءِ دل ۾ خيال ڪيائين تہ ڳامونءَ سان ڪنهن بہ حيلي اچي پڄي نہ سگهندس سو مات پلي آهي. آن کان پوءِ، بشارت خان ڪڏهن بہ ڳامونءَ سان ڪونہ هوڏيو.



وڃان! آخر هڪڙي طرف منهن ڪري آئي هليو. ٿورو پنڌ ڪيائين ته آواز پڌرن ٻڌڻ ۾ آيس. يڪدم ان آواز جي طرف ڌيان ڏئي ويو. جڏهن ويجهو آيو ڏسي ته "سبحان الله" هڪڙو ڪوهه آهي، ان تي نار چڙهيل آهي. نار جي چڳني سوني، ڏيئڙي هيري ياقوت جي، ۽ چنو ۽ مهرو زمرد جو، آرا اوپرا جواهرن سان جڙيل آهن. ان نار جو نالو غارغفار آهي، نهايت عمدو ٺهيل آهي. ان جي رينگٽ جو آواز نهايت مٺو نڪري رهيو آهي. چٽ سان لااِله الاالله ۽ ڏيئڙيءَ مان محمدرسول الله جو آواز پيو ٿئي، باقي ڪنگريون ۽ چڳني جا ڪاٺ ۽ ارڙيون پيون ٻولين صلي الله عليه وسلم.

دلشاد کي ڪوهه تي، نار جي آواز مان اهڙو ته مزو آيو، جو ڪجهه وقت ته اتيئي ويهي رهيو. انهيءَ ڪوهه تي حيرت ۽ غيرت ٻه پهريدار هئا. انهن پاڻ ۾ چيو ته: ادا! هي انسان هتي پنهنجي پهري جي اندر لنگهي آيو آهي، جي اها خبر پنهنجي سائين کي پئي ته ڪاوڙ ڪنديون. انهن هن کي چيو ته: تون ڪير آهين، ۽ ڇو آيو آهين؟ هتان هڪدم هليو وڃ. ائين چوندي غيرت جهلي ٻانهن کان وٺي اڇلايس ته وڃي غارغفار جي ڪوهه ۾ پيو، ۽ تيستائين پيو رهيو جيستائين حيرت ۽ غيرت جو پهرو پورو ٿيو.

ٿوريءَ دير کان پوءِ قياس ۽ اخلاص پهري تي آيا. انهن کي رحم آيو، دلشاد کي ڪوهه مان ٻاهر ڪڍيائون. خبرون چارون پڇيائون تيستائين هنن جو پهرو به پورو ٿيو. وري مهر ۽ محبت جو وارو پهري جو آيو. جن به بادشاهه کان خبرون پڇيون، هنن انهن کي ۾ سموري ڳالهه ڪري ٻڌائي. هنن چيس ته: ڏِڄ نه. دنيا گنبذ جي در تي بيٺو آهين. تون پنهنجو آواز به هن آواز سان ملاءِ ته فتح تي پوئي. دلشاد بادشاهه نار جي آواز سان آواز ملائي ڪلمون پڙهيو: "لااِله الاالله محمدرسول الله صلي الله عليه وسلم" ته اتي روح پرواز ڪري ويس. هن دنيا فانيءَ مان رحلت ڪري وڃي بهشت جي حوالي ٿيو.

# ڳامون سچار-۴ *

”ڳامون“ نالي هڪ ڇوڪرو لقاپور نالي هڪ ڳوٺ ۾ رهندو هو. ننڍي هوندي کان ئي هو سچ سچ ڳالهائيندو هو، ان ڪري مٿس نالوئي ڳامون ’سچار‘ پئجي ويو هو. انهيءَ ڪري پري پري جي ماڻهن، ڳامون جي سچ ڳالهائڻ بابت سندس نيڪي هڏي پرپٺ هن سان ياراڻي ڳنڍي ڇڏي هئي. سندس پيءُ ننڍي هوندي ئي گذاري ويو هو، باقي سندس پوڙهي ماءُ اوڙي پاڙي جو اَنُّ جنڊ تي پيهي، سندس ۽ پنهنجو پيٽ گذر پئي ڪندي هئي. نيٺ ٿوري گهڻي ڏينهن ڳامون ٻه ڪتڻ ڪمائڻ جهڙو ٿيو ۽ هڪڙي ڏينهن پنهنجي ماءُ کي چيائين ته: امان! هاڻي آءٌ ڪمائڻ جهڙو ٿيو آهيان ۽ موڪل ڏينم ته پرديس ۾ وڃي ڪمايان ۽ توکي ڪٿي ڪارايان. ماڻس چيس ته: ابا! منهنجي مرضي آهي ته توکي ملان مڪتب وٽ ڇڏي اچان ته ڪي ٻه-چار اکر علم جا پڙهائين. ڳامون اهو هڏي ماءُ کي چيو ته: امان! سياڻا پٽ پينگهن ۾ پڌرا، بابو پڙهيو هو باقي آءٌ پڙهندس. ماءُ ڏٺو ته هي رهندوئي ڪين، سو لاچار موڪل ڏنائينس.

نيٺ ماءُ کان موڪل وٺي اٿو پلاند ۾ ٻڌي اٿي هليو. رستي ۾ هڪڙي هنڌ ڪيس بک اچي تپايو. اٿو ته ساڻ هئس پر ماني ڪير پچائي! نيٺ هڪلي هڪڙي ڳوٺ ۾ آيو، جتي ڪيس هڪڙي مائي ڏسڻ ۾ آئي. ڳامون وڃي مائي وٽ ويو ۽ سلام ڪيائينس. مائيءَ پڇيس ته: ابا! تون ڪير آهين؟ ڳامون ورانيو ته: امان! آءٌ پرديسي آهيان، بک ڏاڍي لڳي اٿم؛ هي اٿو ساڻ اٿم،

* هن ڳالهه جون ٻه روايتون وچولي (تعلقي حيدرآباد) مان محمد صالح سپيءَ ۽ (ٽنڊي الهيار) مان گل محمد آزاد کان مليون.

تنهن مان جي سونڪي ٻه مانيون پچائي ڏين ته تنهنجي وڏي پلائي ٿيندي. پوڙهيءَ چيس ته: پٽ! ويهه ته آءٌ توکي ماني پچائي ڏيان. پوءِ ڳامون کان اٽي جي هڙ وٺي ڇوڙي ڏٺائين ته اٽو صاف ۽ سٺو پيٺل هو، اٽي دل ٺڙئي سرڪي ويس سو ڇا ڪيائين جو اهو اٽو رکي ٻاجهريءَ جو هڪڙو روڍلو گهڙي پچائي آڻي ڳامون جي اڳيان رکيائين. ڳامون جو روڍلو ڏٺو سو سڙي ويو ۽ مائي کان پڇيائين ته: اما! هي ڇا...! مون ڏنو ڪڻڪ جو اٽو ۽ ماني ملي ٻاجهري جي! مائيءَ جواب ڏنو ته: پٽ! هن زمين جو وڙ ڪواڙو آهي، جڏهن اٽو ڳوهيم ته به ڪڻڪ جو هو، پر جنهن مهل دانگيءَ تي وڌم ته ٻاجهر جو ٿي پيو، هاڻي انهي ۾ منهنجو ڪهڙو ڏوهه آهي! ڳامون کي ڪوڙ تي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي، پر ٻاهريون ٺهو رکي مائيءَ کي چيائين ته: اما! ائين هوندو؛ پر هاڻي رکي ماني ڇا سان کان؟ تو وٽ ڪو ٿانءُ هجي ته مونکي ڏي ته آءٌ ڪو ڳهڻ وٺي اچان.

مائيءَ چيس ته: ابا! ترس ته وٽو آڻي ڏيئين. ائين چئي مائي اندران وڃي هڪڙو وڏو وٽو ڪڻي آڻي کيس ڏنو ۽ خيال ڪيائين ته وڏو وٽو هوندو ته جهجهو ٻوڙ آڻيندو. ڳامون اهو وٽو ڪڻي دڪان تي آيو ۽ وٽو وڪڻي ٻيا پيسا ڇيلهه سان ٻڌائين، باقي ٽڪي واري ٽڪر جي جمني وٺي ان ۾ ٻوڙ وجهائي مائيءَ جي گهر آيو ۽ مانڻ ڪري ويهي ماني کائڻ لڳو. مائي ڏسي عجب ۾ پئجي ويئي، پر ڪچيائين اصل ڪين. جڏهن ڳامون ماني کائي بس ڪئي، تڏهن پڇيائينس ته: اڙي ابا! هيڏو سارو وٽو توکي ڏنم، تنهن مان ٽڪر جي جمني ڪيئن ٿي؟ ڳامون ورائيو ته: اما! برابر تنهنجي ڳالهه سچي نڪتي، چو ته جڏهن مون ٻوڙ ورتو هو تڏهن به اهو وٽو هو، پر جڏهن تنهنجي گهر جي لوڙهي اندر گهڙيس تڏهن ڦري جمني ٿي پيو، سو برابر زمين جو ڪو اهڙو ور آهي، هاڻي آءٌ به هتان جلد نڪران، متان پٽ مان ڌيءَ نه ٿي پوان! مائي چيس ته: ڇورا! اهي مسخريون وڃي ٻين سان ڪر... جهٽ ڪري ٻاهر ڪڍ وٽو نه ته هل بادشاهه وٽ، آءٌ ٻاڻهي انصاف ٿي ڪرايان. ڳامون چيس ته: هل آءٌ تيار آهيان، ائين چئي ٻئي گڏجي بادشاهه ڏي روانا ٿيا.

جيڪڏهن ڇوڪري ڪان اشرفيون وٺي آئين ته آءٌ توکي هڪ هزار اشرفيون انعام ڏيندس. وزير اهو ٻڌي، هائو ڪري گهوڙي تي چڙهي گامونءَ جي پٺيان روانو ٿيو.

گامون اڃا شهر مان نڪري اڳيرو ٿيو ته وزير اچي ڀيٽس ۽ ٻيهاري چيائينس ته: اي گامون! آءٌ بادشاهه جو وزير آهيان، هن مونکي انهي لاءِ موڪليو آهي ته تنهنجو امتحان وٺان. هاڻي جي تون اهڙو عاقل آهين ته هنن ٻن سوالن جا جواب ڏي، جي جواب صحيح هوندا ته اشرفيون تنهنجون آهن، پر جي جواب غلط هوندا ته اشرفيون واپس ڏيندين. گامون ورائيو: مونکي قبول آهي. وزير چيس ته: چڱو ٻڌ! پهريون سوال آهي ته ڌرتي جو وچ ڪٿي آهي؟ ۽ ٻيو سوال آهي ته خدا ڪهڙين ڳالهين ۾ راضي آهي؟ گامونءَ وزير کي چيو ته: سائين منهنجا! توهين ٻئا آهيو گهوڙي تي ۽ آءٌ هيٺ، تنهنڪري گهوڙو ڏيو مونکي ته گهوڙي تي چڙهي ڏسي توهان کي ٻڌايان ته ڌرتي جو وچ ڪٿي آهي. وزير يڪدم گهوڙي تان لٿو ۽ گامون گهوڙي تي سوار ٿيو. هڪڙو ٻه چڪر هڻي، هيٺ مٽي ڏسي وزير کي چيائين ته: وزير صاحب! ڌرتي جو وچ اهو آهي جتي توهان بيٺا آهيو. وزير چيو ته: سو وري ڪيئن؟ گامون چيو ته: جي توهان کي اعتبار نه اچي ته ڀلي ماپ ڪري ڏسو، پوءِ به آءٌ ٻڌل آهيان. باقي ٻئي سوال جو جواب هي آهي ته الله سائين، هن ڳالهه ۾ راضي آهي ته پيادا ڪري سوار ۽ سوار ڪري پيادا. توهان ٿورو اڳ سوار هئا ۽ هن وقت آءٌ سوار آهيان. هاڻي بادشاهه کي وڃي ڏي سلام پنهنجي الله واهي. ائين چئي گامون گهوڙو هڪلي هليو ويو. گهوڙو هو ڀلو سو اک ڇنڀ ۾ غائب ٿي ويو ۽ وزير جتي بيٺو هو، اتيئي بت بنجي ويو. نيٺ ڪجهه وقت کان پوءِ غازي خان وٽ آيو، پر ڦڪائي کان ڪنڌ هيٺ ڪري ويهي رهيو. غازي خان پڇيس ته: وزير! ڪر خبر، اشرفيون وٺي آئين؟ وزير ورائيو ته: قبلا! گامون برابر عقلمند آهي. مون کان گهوڙو به ڦري ويو.

اهو ٻڌي سڀ درٻاري مٺس کلڻ ڪرڻ لڳا.

گامون وزير کان گهوڙو ڦري جلدئي اچي پنهنجي ڳوٺ پهتو ۽ پنج سؤ اشرفيون ڪڍي ماءُ جي اڳيان رکيائين، جا پهريائين ته حيرت ۾ پئجي وئي، پر پوءِ گامونءَ سڄي ڳالهه ڪري ٻڌايس جا ٻڌي خوش ٿي. ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ گامون پنهنجو ڳوٺ ڇڏي ماءُ سوڌو اچي غازي خان وٽ رهيو. جنهن کيس رهڻ لاءِ جاءِ ڏني. ٿورن گهڻن ڏينهن بعد گامون جي سچائي ڏسي غازي خان کيس خاص ماڻهن ۾ شمار ڪيو ۽ کيس ڏاڍو ڀائيندو هو. هرڪا صلاح مصلحت گامون کان ئي پڇندو هو، جنهنڪري درٻارين مان ڪيترا سندس دشمن ٿي پيا ۽ هن جي برخلاف گهاٽ گهڙيندا رهيا، پر ورندو ڪجهه به ڪونه هو.



صبر ڪج. هنن ماڻهن جڏهن اها ڳالهه ٻڌي، تڏهن چيائونس ته: گامون، وڏو وير ونو آهين. ٻيلي اسان توبهه ڪئي، گناهه بخش ڪر. هاڻي ڀلائي ڪري پٽ کي سمجهاءِ. گامونءَ چيو ته: چڱو ادا، جيڪا توهان جي مرضي. اوهين ڀائر هلي آيا آهيو ته ڪٿي تو مان ڏيان، باقي اها ڀول هئي ڪانه. جي ڀهرينديئي ڳالهه قبول ڪريو ها، ته ايتري تڪليف ڪانه ڏسو ها. هاڻي آءٌ پٽ کي سمجهايان ٿو، اميد ته وري دانهن نه ٿيندي. پوءِ پنهنجي پٽ کي سمجهايائين، جنهن کان پوءِ ٻئي زال مڙس خوش رهڻ لڳا.



# گامون سچار-٦ *

غازي خان دودائي وٽ گامڻ خان ڪورائي ڪان سواءِ ٻيا وزير بہ هئا پر غازي خان، گامون کي سچ ڳالهائڻ ۽ سندس دانائي سبب تمام گهڻي عزت ڏيندو هو. گامون سچار ائين ائين ڏينهن غازي خان جو سلام ڪندو هو، ۽ پڳهار بہ ٻين وزيرن جيترو کڻندو هو. ٻين وزيرن کي انهيءَ ڳالهہ تان حسد ٿيندو هو تہ اڇي بہ ائين ڏينهن ۽ پڳهار بہ وٺي اسان جيترو: سو پيا غازي خان جا ڪن ڀريندا هئا. هو بہ سندن ڳالهيون ٻڌي ڪڪ ٿي پيو هو، سو نيٺ انهن وزيرن کي چيائين تہ: هو توهان سڀني کان وڌيڪ داناءُ ۽ سچار آهي. وزيرن چيو تہ: جيئندا قبلا! اسان کي سچ ڪوڙ جي ڪيئن خبر پوي تہ گامون سچ ٿو ڳالهائي يا ڪوڙ؟ غازي خان چيو تہ: توهين هن جو امتحان وٺو، ۽ هن کان ڪوڙ ڳالهارايو، باقي اهو ٻڌايانو ٿو تہ گامون سچار آهي، ڪوڙ اصل ڪونہ ڳالهائيندو.

گامون جي اها عادت هوندي هئي تہ جڏهن بہ غازي خان جي دربار ۾ ايندو هو، تڏهن پنهنجي مڏي ڪٿور واهہ جي هن پر رکي ايندو هو. ڪٿور واهہ جو اوريون ڪپ غازي خان جي حد ۾ هو ۽ ٻيو ڪپ وري ٻي حڪومت ۾ هو. گامڻ خان اهو ان ڪري ڪندو هو تہ متان ڪنهن وقت بادشاهہ ڪاوڙجي چئي تہ: منهنجي ملڪ مان لڏي وڃ. وزيرن صلاح ڪري رٿ ٻيهاري تہ گامڻ خان کان پڇون تہ تون ڪنهن جو پٽ آهين. پوءِ هن جي سچ ڪوڙ جي سموري خبر پوندي. نواب غازي خان هنن کي وڏيءَ خوشيءَ سان اجازت ڏني تہ ڀلي گامڻ خان کان ڪوڙ ڳالهارايو.

دستور موجب اُنين ڏينهن گامون سچار ڪچهريءَ ۾ آيو. وزيرن به پنهنجيءَ رٿ موجب هن کي چيو ته: ادا گامڻ خان! مهرباني ڪري اسان کي ٻڌاءِ ته تنهنجي پيءُ جو نالو ڇا آهي؟ گامون سچار جواب ۾ چيو ته: ادا! آءٌ اڃا صغير هُئس ته منهنجي پيءُ وفات ڪئي، ۽ نه وري پنهنجيءَ ماءُ کان پيءَ بابت پڇيو اٿم. هاڻي جڏهن ايندس تڏهن ماءُ کان بابي جو نالو پڇي ايندس. اُنين چئي گامڻ خان نواب جو سلام ڪري ڪچهريءَ مان اُٿي هليو ويو. هن جي وڃڻ کان پوءِ آهستي سڀئي ڪچهريءَ مان اُٿي ويا.

ٻئي ڏينهن سڀئي وري اچي ڪچهريءَ ۾ حاضر ٿيا، باقي گامون سچار جو اُنين ڏينهن ايندو هو، سو غير حاضر رهيو. اتي نواب غازي خان پنهنجي اميرن وزيرن کي چيو ته: ڏسو مون اوهان کي چيو هو ته گامون سچار ڪوڙ نه ڳالهائيندو آهي، ۽ نه کي اوهان جي سوال ۾ ڪوڙ ڳالهايائين؛ هاڻي اُنين ڏينهن گامڻ خان سميت اوهان سڀني جو امتحان وٺندس. اتي هنن جي دل ۾ اچي ڏڪڻي پئي ته اُنين ڏينهن گامون سچار به ايندو، ۽ اهو ته جواب ڏيئي ويندو پر اسان جوَ الاجي ڪهڙو حال ٿيندو. امير وزير پوءِ هر روز نواب غازي خان جي ڪچهريءَ ۾ ايندا هئا، پر سندن دل ۾ پئي ڏڪندي هئي. آخر اُنين ڏينهن تي سڀئي وزير گامون سچار سميت اچي ڪچهريءَ ۾ حاضر ٿيا. نواب سڀني جو آڌر ڀاءُ ڪري، هڪڙي نوڪر کي حڪم ڪيو، جنهن ڪاٺ مان ٺهيل ٺئين پاٽ آڻي نواب جي اڳيان رکي. پوءِ هن هڪڙي وزير کي حڪم ڪيو ته: هيءَ پاٽ کڻي وڃي شهر مان گيهه سان ڀرائي اچ؛ پر شرط اهو آهي ته اها پاٽ نه پئسن سان، نه ظلم سان، نه منت سان ڀرجي. وزير پاٽ کڻي شهر ۾ ويو. گهٽيءَ گهٽي ڪيائين پر گيهه سان پاٽ ڀرجي نه ملي. اهڙيءَ طرح ٻيا وزير به پاٽ کڻي بازار ۾ ويا، پر ساڳيءَ حالت ۾ موٽائي آيا. باقي وڃي گامون سچار رهيو. اهو به هٿن وانگي پاٽ کڻي هليو ۽ سڌو نواب جي هڪڙي مودي وٽ ويو

# ٻچل مُهر ۽ سعدانُ جَنڻي *

ٺَٽنگ شهر ۾ "ٻچل" نالي مُهر رهندو هو. جوان ڳڀرو ۽ پهلوان هو. سندس پيءُ ماءُ گذاري ويا هئا. ڪيس هڪڙي ڀيڻ هئي جا اُن شهر جي وڏيري جي گهر ۾ پرڻيل هئي. ٻچل جي گرت کهڙي هوندي هئي جو روز صبح جو سوير ڳليل کڻي، وڃي ڳوٺ جي ڀر واري ڪوهه جي پاسي ۾ ويهي رهندو هو. جڏهن شهر جون ڇوڪريون پاڻيءَ جا دلا ڀري مٿي تي کڻي آئي هلنديون هيون، تڏهن هي گليل هڻي انهن جا دلا ڀڃي ڇڏيندو هو. ڪجهه ڏينهن ڇوڪرين اهو آزار سٺو پر نيٺ ڪڪ ٿي وڃي ٻچل جي ڀيڻ کي دانهن ڏنائون ته: ٻچل اسان سان روز هيءَ ويل ٿو ڪري، ٻچل جي ڀيڻ انهن کي منٿ ڪري چيو: اديون! دين دنيا ۾ هڪڙو ڀاءُ اٿم، جي ان سان ڪو اوکو ويڻ ڳالهائيندس ته رسي ويندو هليو، باقي آءٌ اوهان کي ٽامي جا دلا ٺهرائي ٿي ڏيان جي هو ڪڏهن ٻه ڀڃي نه سگهندو. پوءِ ٻچل جي ڀيڻ انهن کي ٽامي جون گهاگهريون ٺهرائي ڏنيون، جي ٻئي ڏينهن هو کڻي پاڻي ڀرڻ ويون. جڏهن ٻچل ٽامي جون گهاگهريون ڏٺيون تڏهن سيڌو پنهنجي پيءُ جي دوست لوهار وٽ ويو ۽ ان کي چيائين ته: مونکي رڪ جا ڳوڙها ٺاهي ڏي. لوهار تنهن تي رڪ جا ڳوڙها ٺاهي ڏنس، جي هو کڻي صبح جو وري اچي ساڳئي ڪوهه تي ويٺو. ٿوري دير کان پوءِ ڇوڪريون ٽامي جون گهاگهريون کڻي پاڻي ڀرڻ آيون، تڏهن ٻچل وٺي جو رڪ جا ڳوڙها هنيا ته گهاگهرين کي آرو پار ٽنگ ٿي پيا. شهر جي ڇوڪرين وري وڃي ٻچل جي

---

* هن ڳالهه جي روايت اتر (تعلقي اٻاوڙي) مان فاضل قائمي کان ملي.

تي ڪرندي ڏٺو ته سڀ يڪدم ڊوڙي آيا ۽ نوُران کي ڪُلهي اندر ٻڌي ڇڏيائون. باقي صابر کي ڏاڍي مار ڪري قرآن تي لڳائي ورتائونس ته وري ڪڏهن به سودري نه ايندو. انهي کان پوءِ صابر وري ڪڏهن به نوُران وٽ نه ويو، فقير ٿي ڪُوٽ ڪُوٽ رُلندو رهيو ۽ نوُران جي ياد گيري ۾ بيت ٺاهيندي دم ڏنائين. هوڏانهن جڏهن نوُران کي صابر جي مرڻ جي خبر ملي تڏهن روئي روئي پنهنجو حال وڃايائين، نيٺ نوُران به انهيءَ فراق ۾ گذاري وئي.



مناٺي سنڌس ڪو به خيال نه رکندو هو ۽ ڪڪراليءَ جو ٺهري ڄام انهيءَ ڪري به مشهور ليکبو هو. مناٺي ڪي ٻه پٽ ٺيا، هڪ آڏو ۽ ٻيو ٻڍو. جن مان ٻڍو وڏو هو، ڪو ٻارٽ ٻڍي وٽ آيو ۽ اڇي وڻانئس مينهن خيرات گهرٻائين، ٻر هن جواب ڏيئي ڇڏيس. اهو ڏسي ٻارٽ چيو ته:

مينهون موڻا ٺام، ڏين گهڻيون ڏکيون،
پر ڪڪراليءَ جا ڄام، کهر ڀانئين ڪاڪيون.

اهو ٻڌي ڏنو ته اها نِيلائي ٺي ٺئي، تنهنڪري ٻارٽ کي چيائين ته: بيت کي وار، مينهن ڪاهه. ٻارٽ بيت هيٺن ورايو، جو ڪاڪيون جي جڳهه تي ڪوڏيون ڪري ڇڏيون.

مينهون موڻا ٺام، ڏين گهڻيون ڏکيون،
پر ڪڪراليءَ جا ڄام، کهر ڀانئين ڪوڏيون.



جي هنن سان ڪانه پئي، پر هنن ٻنهي ڀائرن ڪڏهن به سندس ڳالهه کي وزن ڪونه ڏنو. انهيءَ ڪري پونجو، ڀيمجي ۽ ستوجي کي ڏاڍو ڏڪاريندو هو ۽ جتي ڪٿي سندن ننلائي پيو ڪندو هو. نيٺ هڪڙي ڏينهن رهي نه سگهيو، سو راءِ گوڙ جي ڀري ڪچهريءَ ۾ چئي ڏنائين ته: راجا! ڀيمجي ۽ ستوجي ڪان سواءِ به ملڪ هلي سگهي ٿو. اها ڳالهه ڀيمجي کي ڪانه وڻي، سو دل ۾ خيال ڪيائين ته هن کان انهيءَ بيعزتيءَ جو وير وٺان؛ جي زوري زبردستي ڪيندوسانس ته ملڪ ۾ ڦيتاڙو پوندو، جو پونجو به وڏي اثر رسوخ وارو آهي، تنهنڪري اهڙي ڪا اٽڪل ڪريان، جنهن سان نانگ به مري ۽ لٺ به نه ڀڄي. نيٺ هڪڙي رٿ رٿي ۽ ٻئي ڏينهن جو انتظار ڪرڻ لڳو.

ٻئي ڏينهن صبح جو دستور موجب دربار لڳي. ڀيمجي اڳئي ويٺو هو، جڏهن پونجو جتي لاهي راجا کي سلام ڪري اچي ويٺو، تڏهن ڀيمجي آهستي آهستي ڪري، سندس جتيءَ جو هڪڙو پادر لڪي سان ابتو ڪري ڇڏيو. اهو پونجي لاءِ اشارو هو ته هتان نڪري وڃ، نه ته تنهنجو خير ڪونهي. ڀيمجي ائين ڪيو ۽ رکيو پونجي ڏٺو. هو يڪدم سڄي ڳالهه سمجهي ويو سو ڏاڍي ڪاوڙ لڳس، پر ڳالهه ظاهر ڪرڻ پنهنجي بيعزتي سمجهيائين، تنهنڪري بيماريءَ جو بهانو ڪري راجا کان موڪلائي دربار مان ٻاهر نڪتو، ۽ پنهنجي دل ۾ پڪو انجام ڪيائين ته ڪنهن نه ڪنهن ڏينهن ڀيمجي کان انهيءَ ڳالهه جو وير وٺندس.

آخر پونجو ڪڇ ڇڏي سنڌ جي بادشاهه ميان غلام شاهه ڪلهوڙي وٽ آيو ۽ غلام شاهه کي عرض ڪيائين ته: جيئندا قبلا! آءٌ ڪڇ جي راجا راءِ گوڙ جو وزير آهيان، پر راجا ۽ سندس صلاحڪارن مونکي ملڪ مان تڙي ڪڍيو آهي. هاڻي تون ڪا منهنجي مدد ڪر. غلام شاهه کيس چڱي عزت ڏني ۽ کيس رهايائين. ان بعد پونجو ميان غلام شاهه کي پيو صلاحون ڏيندو هو ته ڪڇ تي ڪاهه. راجا گوڙ جي ظلم کان ڪڇ جا ڀيا به ڪيترائي معزز

ته: ڏيا ڳا! تو وطن سان دغا ڪئي ۽ هاڻي ڪوبه لنگهو منهنجي نوائيءَ ۾ ڪونه رهندو، ۽ ٿيو به ائين. اڄ تائين ڏيهجي جي شهر جهارا جبل ۽ نوائيءَ ۾ ڪوبه لنگهو نه رهندو آهي.

جاڙيجن جهارو ملايو، جنهن جي امر سر ترار.

ڏيهجي جي مرڻ کان پوءِ سندس لشڪر جي دل ڀڄي پئي، ۽ هٿيار ڦٽا ڪري غلام شاهه جي آڏو پيش پيا، جيڪو ڪن ڏينهن کان پوءِ واپس سنڌ موٽي آيو، موٽندي اهو پڪو انجام ڪيائين ته هاڻي ڪڏهن به ڪڇ تي نه ڪاهيندس. رستي تي هوتي نهڙي سان ملي سڄي عمر لاءِ سندس ڏيل معاف ڪري ڇڏيائين.

ڏيهجيءَ کي اولاد ڪونه هو، پر ستوجيءَ کي ٻه پٽ هئا، هڪڙو 'هميرجي' ۽ ٻيو 'ڄام راوَڙ'، جن وهمن جي ڪري ٻارهن ڪوٽ بدلايا تنهنڪري 'ٻارهو ڪوٽ' ٿيو، ۽ وري تيرهون دفعو پڻ بدلايائون جنهنڪري 'تيرئو ڪوٽ' ٿيو. اهي ٻارهو ۽ تيرڏو شهر اڄ به موجود آهن. ڄام راوڙ تمام ظالم هو، تنهن خيال ڪيو ته جيستائين هميرجي جيئرو هوندو تيستائين منهنجي ڪا ڳالهه ڪانه هلي سگهندي. تنهنڪري هڪڙي ڏينهن وجهه وٺي آن کي ماري ڇڏيائين، ۽ پوءِ سڄي حڪومت تي قبضو ڪري ويهي رهيو. هميرجيءَ جا ٻه پٽ هئا. هڪڙي جو نالو 'صاحب جي' ۽ ٻئي جو نالو 'کيمڪارجي' هو. راوڙ جا ظلم ڏسي زالن ويچار ڪيو ته راوڙ، هميرجي جي پٽن کي به ماري وجهندو، تنهنڪري انهن کي ڪنهن به حيلي بچائجي. شهر کان ڪجهه پرڀرو هميرجي جا ٻه وفادار نوڪر 'ڇڇريٽو' ۽ 'ميون ٻاراڇ' رهندا هئا. زالن انهن کي سڏائي سڄي ڳالهه ٻڌائي. هنن هميرجي جي پٽن کي بچائڻ جو ذمو کنيو. انهيءَ وقت ٻنهي نينگرن جي عمر اٺ ڏهه سال هئي. هي ٻئي وفادار نوڪر هئا سو ٻنهي ڇوڪرن کي لڪائي کنيائون ۽ سنڌ ڏانهن روانا ٿيا، پر جڏهن ڄام راوڙ کي انهي ڳالهه جي سڌ پئي تڏهن سندن پٺيان

اتان وٺي ڀڳو. راوڙ اهو قلعو وٺي مٿس ڄام ننگر نالو رکيو ۽ اتي ويهي رهيو. ڄام ننگر مشهور شهر آهي.

راوڙ جي راڄ تي ڪينگار ۽ صاحب جي راڄ ڪرڻ لڳا.

هڪ ڏينهن ٻئي ٻاڻر شڪار تي نڪتا ته هڪڙي هنڌ سهو ڪتن کي مارڻ لڳو ۽ ڪتا ڀڄڻ لڳا. اهو ڏسي ڪينگار ۽ صاحبجي ۽ اها جڳهه چڱي سمجهي ۽ اتي قلعو ٺهرايو، جنهن جو نالو 'ڀڄ' رکيائون- يعني اتي دشمن ڀڄي ويندو.



# ضميمو

## عمر ۽ گنگا*

[ هيءَ ڳالهه ٻهر ٻائين ٻهر ٻائين "تاريخ طاهري" جي مصنف سيد طاهر محمد نسياني (ٻارهين صدي جو شروع) ٻنهنجي ڪتاب ۾ آندي آهي. ان بعد تحفة الڪرام جي مصنف مير علي شير قانع (ٻارهين صدي جو آخر) ٻڻ ان کي نقل ڪيو آهي. اهي ٻئي روايتون اصل ڪتابن مان ترجمو ڪري لفظ ۾ لفظ ڏجن ٿيون]

### ١- روايت تاريخ طاهري

روشن ضمير صاحبن تي واضح هجي، مجلس کي سينگاريندڙ نيڪ ماڻهو، نقل ڪندا ٿا اچن ته گنگا نالي قوم تميم جي ڇوڪري، انهيءَ [عمر سومري] جي نالي ڪئي هئائون. تنهن ڀڻ ۾ اڃا هن [گنگا] جو حُسن ظاهر نه ٿيو هو، ته ان جي نظر چڙهي وئي؛ پسند نه آيس، تنهنڪري دل ڪچي وبس ۽ شادي ڪرڻ جو ارادو ڦٽو ڪيائين ۽ اهڙي اجازت ڏنائين ته جنهن کي وڻيو، تنهن کي ڏئي ڇڏيو.

عمر تميم نالي هڪڙو شخص جيڪو ان [گنگا] جي مائٽن مان هو- جو عمر سومري جو دوست هو ۽ عمر سومري سان ان جو ايترو تعلق هو، جو سواءِ ان جي ڪچهري قائم نه ڪندو هو- ان جي نالي ڪيائون. ڪيترن سالن گذرڻ کان پوءِ اها مکڙي ٽڙي گل ٿي، جنهن جي سرهاڻ کان سڄي هوا

* "تاريخ طاهري"، فارسي متن، مطبوع سنڌي ادبي بورڊ تان ورتل.

جو سردارانه ڪمن جو خلاصو آهي- بلڪل ڇڏي ڏنو، تڏهن تون سردار جي مائٽيءَ جو لائق ڪيئن ٿيندين؟

جڏهن ويچارو رات واري نشي کان، صبح جو هوش ۾ آيو، تڏهن انهيءَ ٿيل حادثي کان ڪپڙا ڦاڙي، دهليءَ جي بادشاهه سلطان علاوالدين وٽ فريادي ويو ۽ دربار مان عمر جي گهرائڻ جو پروانو ڪڍائي موڪليائين. ٿيندي ٿيندي هيءَ ڳالهه ٻين سببن سان گڏجي انهيءَ قوم جي حڪومت جي زوال جو سبب بڻي.



عمر کان انهيءَ جو سبب پڇيائين. عمر جواب ڏنو ته: اي نيرل! وطن جي يادگيريءَ ۾ اهڙو حال ٿيو اٿم. عمر جو اهو جواب ٻڌي، نيرل ٻڪدم پنهنجي ٻيءَ وٽ وئي ۽ ڪانئس عمر سان گڏ سنڌ وڃڻ جي اجازت گهريائين. پيءُ جو ارادو نه ڪين هو، پر نيرل جي گهڻي زور تي ڪيس مس مس اجازت ڏنائين.

آخر هڪڙي ڏينهن هو ٻئي ڄڻا سهي سنهيري سنڌ ڏانهن روانا ٿيا. ان ڏينهن تي نيرل جون سڀ سهيليون ۽ مٽ مائٽ اچي سوڙها ٿيا. نيرل جي روانگيءَ وقت سندس ماءُ هيءَ ڳاهه ڏني:

اچي سڙو ڏاڏي پوٽيون، سات ڪريو ساري،
نيرل وڃي ٿي ماهرين، عمر آڏاري.

وري چيائين ته:

قتو شهر روغانيءَ جو، اڏيو عمرڪوٽ ڙي،
ڏيءَ مانجهي ملير جي، وڃي گڏي گهوٽڙي.

ان بعد نيرل ۽ گيگل ڪي وني، عمر خبر سلامتيءَ سان عمرڪوٽ ۾ اچي پنهنجي مائٽن سان مليو.



SINDHI FOLKLORE & LITERATURE

BOOK-XXVII

# FOLK TALES-VII

## GĀHAN$^{a}$ SĀN̂ GALHYŪN̂

(Stories in Narrative Form)

Compiled & Edited
By

**N. A. BALOCH**

M.A. L.L.B. (Alig) M.A., Ed.D. (Columbia)

**SINDHI ADABI BOARD**
**JAMSHORO, SINDH**

| | | |
|---|---|---|
| 1st Edition | February, 1964 | 2,000 Copies |
| 2nd Edition | April, 1995 | 2,000 Copies |

Compiled under
The Sindhi Adabi Board's Research Project
on
Sindhi Folklore & Literature

All rights reserved with the Sindhi Adabi Board.

**Price. Rs: 50-00**

To be had from
**SINDHI ADABI BOARD'S BOOK-STALL,**
TILAK INCLINE, HYDERABAD SINDH.

Printed by Syed Sikander Ali Shah, Manager, Sindhi Adabi Board's Printing Press, Jamshoro, Sindh, and Published by Mr. Shamsher Al-Hyderi, Secretary, Sindhi Adabi Board, Jamshoro, Sindh, Pakistan.

# PREFACE

This is the twenty-seventh book compiled under the Sindhi Adabi Board's Folklore and Literature Project. In 1956, the Board had approved its 5-Year Research Project (1957-61) for the collection, compilation and publication of Sindhi folklore and literature. The work was started in January, 1957, and the first two years were devoted mainly to the collection of material. The compilation and publication work commenced from 1959.

The material for the project has been collected both from the oral tradition of the village folk and the written record. The oral tradition was reduced to writing through a network of the field-workers, one stationed in each *taluka* area.

The project aims at publishing representative works pertaining to the following selected segments of Sindhi folklore: (*a*) Fables and Fairy tales, (*b*) Pseudo-historical Romances, (*c*) Tales of historical nature, (*d*) Folk-poetry, (*e*) Folk-songs, (*f*) Marriage-songs, (*g*) Poems pertaining to wars and other events, (*h*) Riddles, (*i*) Proverbs, (*j*) Wit and humour, and (*k*) Folk Customs and Superstitions.

The scheme has been deliberately named as 'Folklore and Literature Project'. At the present stage, a considerable body of verse is current through oral tradition among the village folk with which the educated and the intellectuals are not familiar. All this material is 'folklore' in the sense that it is popular and is preserved with the village folk: yet, a considerable part of it is 'standard literature', and will be recognized as such after it is published.

Of the seven volumes planned under the project to incorporate different varieties of folk-tales, legends and other stories, this is the seventh volume pertaining to what may be called 'Stories in Narrative Form'.

A broad division of the Sindhi folk-tales into 'Classical' and 'Popular' may be made for the sake of convenience. The first three volumes of this series included tales, mostly of the 'classical type'. Some of the significant features of the 'classical type', *e.g.*, the nature

of the plot, fulfilment of 'conditions' by the hero, and the typical characters—were briefly described in the 'Preface' to the First Volume (1960). The Fifth Volume included mainly the short popular tales for the young, in which figure the everyday human characters, instead of demons, fairies, genii, witches and sorcerers which dominate the 'classical type'. The sixth volume comprised the tales of beasts, birds and animals. This volume has been planned as a link between the preceding six volumes containing 'folk tales' and the seven volumes comprising 'folk stories' which are to follow. This symbolic link is represented by the 'Tale of Sonal' in this volume (pp. 21-31). Excepting this 'tale' all the rest are 'folk stories'.

Technically speaking, a 'folk-tale' needs to be differentiated from a 'folk story'. Folk tales and fables have neither any historical basis nor any clear background in the past. At best, they represent, in their elemental form, the archaeology of human feelings, experiences and imagination. The faint memories of the childhood of the human race, the residue of early social mores and morals, the patterns of action and experience and the beliefs in the supernatural (turned into superstitions) lingering from early times are but dimly reflected in them. In contrast, 'folk stories' reflect the environment and events of the more recent historical past. They have some geo-historical basis, and can be more clearly distinguished as belonging to a particular people in a particular country. In them, the names of some places can be recognized geographically, and references to some persons, events and occurrences can be identified historically.

The folk stories may be pseudo-historical or historical in nature. They may be 'historical' in the sense that the 'historical contents' in them can be discerned more easily. They are not 'historical records' as such, either factually or chronologically. A 'folk story' usually reclaims from the historical past that which is more exciting and romantic, and uses it after diluting it with its own unbelievables. Adventure, romance and intrigue are among its more conspicuous elements. The folk-stories have invariably their heroes and heroines, but even when they belong to history they are invested with superhuman powers and performances.

In this volume are included mainly those 'folk stories' which are in 'narrative form', and even in their current versions have retained the

characteristics of their original form of narration. The art of narration was developed by the professional bards in the Lower Indus Valley of Sind, since early times. Three phases of its development are discernable: (*i*) narration of tales and stories in a plain form, with the addition of some rhythmic prose pieces and doggrel rhymes; (*ii*) a more artistic narration of mainly the 'stories' and also of some 'tales' in some form of dramatic style, with the addition of rhymed verses and elements of oratory; and (*iii*) a complete formal artistic narration, particularly of heroic deeds, epics and romantic stories, which, in its later phase, developed into musical form of 'recitation and singing' of the epics and romances in a more dramatic style. The distinctly 'artistic form of narration' developed at the second stage, when the narration in prose was reinforced with the addition of special 'rhymed verses', technically called as 'Gahun' (sing. *Gaha*).

A *gaha* in its early form contained two verses rhyming together at the end. As the *doha* or *dohira* developed in Hindi, the *gaha* developed in Sindhi; but while the *doha* developed as a form of poetry, the *gaha* developed essentially as a part of artistic narration. As its very name indicates, the *gaha* was essentially to be recited or sung. It has a poetic form in its 'verse structure', but its verses conform more to a mode of music than to the laws of prosody.

Later, the *gaha* was extended in length from the original two to more verses, in order to meet the requirements of the developing form of artistic narration. The 'extended form' served better particularly as a prologue to the story.

In content, the *gahun* are always contextual, forming the prologue, the dialogue between the characters involved, or the description of the more crucial situations in the story. The professional narrator greets his audience, begins his performance in artistic prose leading to the recitation or singing of a *gaha* the contents of which he then explains in effective prose; he then narrates the story further and again he recites or sings another *gaha*. The narration in prose is always in a dramatic style combining oratory with wit and humour; it is then followed by the music of the *gaha*, thus, sustaining the continued interest and attention of the audience even for such a long duration as six hours (usually from about 9 or 10 P.M. to 3 to 4 A.M.). Some of the epics and romantic stories are narrated for two to three nights continuously to bring them to an end.

In this volume are included one 'folk-tale' (No. 2, pp. 21-31) and 31 'folk stories'. Some of these are represented by more than one versions, and thus, in all forty versions are recorded in this volume, out of which thirty contain *gahun* or verses of some form. As such, this volume has been entitled as "*Gahan San Galhyun*" (the stories containing the *gahun*), *i.e.*, 'The Stories in Narrative Form'.

The 'stories' included in this volume represent the second stage in the evolution of artistic narration. The first stage is represented by some tales in the first five volumes of this series and particularly those of the preceding sixth volumes, many of which contain artistic prose expressions and doggrel rhymes. The third stage of a more developed form of artistic narration is represented by epics and romantic stories included in the next series of seven volumes which follow the present one.

From the point of substance, the 32 narrations included in this volume fall into the following categories:

(*a*) Folk-tale: No. 2.

(*b*) Romantic Stories: Nos. 1, 3, 4, 5, 6, 7, 8, 9, 10, 11, 12, 17, 21, 27 and 28.

(*c*) The stories of famous (legendry or historical) personages from the past: Nos. 15, 16, 19, 20, 22, 24 and 26.

(*d*) A story pertaining to the abandoned Puran bed of the Indus: No. 18.

(*e*) Stories, pseudo-historical or historical in nature;

(*i*) Pertaining to the Sumara period (1050-1350 A.D.), but both about the Sumara and the Samma Chiefs; Nos. 13, 14, 23, 25, 29, 31, 32.

(*ii*) Pertaining to an event of the Kalhora period (1762 A.D.) No. 30.

Two hundred and ninety six (296) Sindhi folk tales have been brought to light through the first six volumes of this series. With the publication of this seventh volume, a total of 328 tales would have been laid under contribution.*

N.A. BALOCH,
*DIRECTOR.*

*For a detailed discussion, see the Introduction in Sindhi.

# CONTENTS


| *No.* | *Title* | *Pages.* |
|---|---|---|
| 1. | Daman, the Goldsmith (two versions) .. .. | 1—20 |
| 2. | Sonal (three versions) .. .. .. | 21—31 |
| 3. | Rajkumar and Sahechi .. .. .. | 32—37 |
| 4. | Sohab, the Beautiful .. .. .. | 38—42 |
| 5. | Chando and Gangraj .. .. .. | 43—48 |
| 6. | Jalal and Marakh Mir .. .. .. | 49—53 |
| 7. | Puna Rai and Lila .. .. .. | 54—66 |
| 8. | Sudevat and Saranga .. .. .. | 67—73 |
| 9. | Khemro and Lodan .. .. .. | 74—79 |
| 10. | Alandeh and Devaro .. .. .. | 80—83 |
| 11. | Prince Sundaro and Queen Mandhal .. .. | 84—96 |
| 12. | Lali and Sadoro .. .. .. | 97—106 |
| 13. | Jam Punaro .. .. .. | 107—111 |
| 14. | Hamir Sumaro .. .. .. | 112—117 |
| 15. | Aho Kori Hanu .. .. .. | 118—121 |
| 16. | Badamoni Punro .. .. .. | 122—128 |
| 17. | Khapurio Khahorri and Queen Kadhari .. | 129—134 |
| 18. | The Merchant of the Puran .. .. | 135—141 |
| 19. | Saro Sanghar .. .. .. | 142—145 |
| 20. | Karairrio Sammo .. .. .. | 146—148 |
| 21. | Raja Khinaro .. .. .. | 149—162 |
| 22. | Bhirio Garorri .. .. .. | 163—170 |
| 23. | Sonal Pari .. .. .. | 171—175 |
| 24. | Wikio, the Munificent .. .. .. | 176—186 |
| 25. | King Jasodhan .. .. .. | 187—193 |
| 26. | Gamun, the Truthful (six versions) .. .. | 194—245 |
| 27. | Bachal Mahar and Sa'dan Jatni .. .. | 246—252 |
| 28. | Sabir and Nuran .. .. .. | 253—256 |
| 29. | Unarr Unrrani .. .. .. | 257—261 |
| 30. | Jarro Bhimji and Ghulam Shah .. .. | 262—272 |
| 31. | King Umar and Ganga .. .. .. | 273—278 |
| 32. | King Umar and Queen Nirul .. .. | 279—289 |



# پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ "لُڙهندَڙ نَسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڄُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڃوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙَهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان "پڙهندڙ" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جيِ دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيٰ e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَياز علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

ڄڻ ڄڻ جاڙ وڏي ٿي ڄڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا،
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا،

... ...

ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن،
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ جي پاڙهي جي ڪي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٽي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪچي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄڪلهہ ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽتر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)